# صدا بيچين آهي

اسحاق سميجو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوي سُورداس چنتامڻيءَ جي هنج مان
منهن مٿي ڪري چيو: "پريہ! ڇا هي جڳ
سپنو آهي؟" چنتامڻيءَ پنهنجن هٿن سان
هن جون اکيون ٻوٽي چيو: "هائو، سپنو
آهي - جاڳي پونديون، ته گهاٽي ۾
وينديون!"

شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذني هيءَ ڪنهن صدا بي چين آهي،
نظر، طبيعت، فضا بي چين آهي!

گهري هيءَ ڪنهن دعا بي چين آهي
اگهائڻ لئه خدا بي چين آهي!

# صدا
# بي چَين
# آهي

اسحاق سميجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حق ۽ واسطا شاعريءَ سان پيار ڪندڙن جي حوالي

Book No: 2

بهار 2001ع

اسحاق سميجي جو

هي شعري مجموعو

صدا بي چين آهي

نئون جنم پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ

ڇپائي پڙهندڙن تائين پهچايو.

**Sada Bechain Aahe**

Poetic Collection of **Ishaq Samejo**

Published by: Naon Janam Publication, Hyderabad, Sindh

Title Design: Abdul Rasool Abbasi

Price per copy: **Rs.**

Address:

Super Medical Store,

Shah Latif Chowk, Kotri.

E-mail: ishaqsamejo@yahoo.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ساره جي نالي

اکين اڳيان هو گهمنڊڙ ڦرنڊڙ ڪڪر
چنڊ جي پيرن وٽ اچي بيهي رهيو
۽ ٽڪر ٽڪر ٿي ويو
تون، جيڪا ڪنهن ڏينهن هنن شعرن کي پڙهين
ٿورو سوچجانءِ تہ سهي
تہ مون انهن کي لکڻ مهل
آهَ ڇو ڀري؟

ـــــــ امارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


مهاڳ — امداد حسيني

ٽورا ڳوڙها، ٽورا لفظ — اسحاق سميجو

| | |
|---|---|
| 1. دل جي اسٽيشن | 33 |
| 2. نگاهن گنگنيو پئي | 34 |
| 3. خلا مان ٽٽو جو گفا ۾ ڪريو | 36 |
| 4. هٿو رڱو پاڻ ٿي وڃائڻ لاءِ | 37 |
| 5. چانوَ مٿان ڪسڪي وئي ڪڙَ سان | 38 |
| 6. رات جي گندي تلاءَ ۾ | 39 |
| 7. ٽه سٽا | 40 |
| 8. ٽه سٽا | 41 |
| 9. تقدير جو ستارو | 42 |
| 10. اکيون آهن يا شمعدان آهن | 44 |
| 11. ڪجل اکين کي، چپن کي مساڳ ڏئي ويو آ | 45 |
| 12. ڪيپ ۾ آهي سموري ڪائنات | 46 |
| 13. خوشبو ٿي پوءُ، جهونڪو ٿي پوءُ | 47 |
| 14. پئسا ماڻي، پيارَ وڃائي موٽي آيا آهيون | 48 |
| 15. منهنجي چاهڻ سان هو رُڪيو ٻه ٽه نه | 49 |
| 16. من اجا جيئڙو هان! | 50 |
| 17. منهنجي بيتابي ڪٽائي ڇو نه ٿي | 52 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

18. ڏک جا ڏينهن نرالا ڙي 53
19. چانڊنيءَ جو ڇٽڻ، ڇپ املتاس جي 54
20. جلوو هيو يا وارُ هيو ٻاٽ ٻاٽ تي 55
21. هوءَ 56
22. ماءَ 57
23. غلاميءَ کان وڏي ڪا گار ناهي 58
24. دوها 59
25. هيءَ بہ ڪهڙو ديس، جنهن تان رات لهي نٿي! 60
26. هڪ شعر 61
27. عشق گذريو صفا ڪناريءَ کان 62
28. هُرڪُر من ۾، رڻ جي رات 63
29. الميي جي درد جي واڪاڻ تان 64
30. ڇڳون هي اوهان جون سڪيون رات جون 65
31. ڇُهي گذرين، ڪرين هيرا بدن کي 66
32. ڪونہ ويني، ڪاوڙيل بيٺي رهي 67
33. منهنجي خوابن منجهہ هڪڙي جل پري آ 68
34. ٽانيڪا ٽينُ ڪيئن هي پاڳل سيلاني 69
35. اسان جا نيڻ آوارا، اسين خود پاڻ آوارا 70
36. روح چاهي ڳتر ڳتر رهندو 71
37. ٽہ سٽا 73
38. درد جو ٻاري چراغ، رات ڪاٽي ٽا ڇڏيون 74
39. جيڪڏهن سوچجي 75
40. هوا اڄ نوحہ گر آهي 76
41. ٿئين غلامي 78
42. پيار هڪڙي حسين سرگوشي 79
43. آيا ڙي آيا، ڇمر ڪري اوڙڪون 80


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

70. وصالن جي سزا آهي 109
71. پهرين ملاقات جي نشاني 111
72. ڪڏهن خشڪ ۽ ڪڏهن پاڻي لڳن 112
73. جدائيءَ جي موسم، اڪيون نم سدائين 113
74. تون اچي نڪتين، گهر ويو واسجي 114
75. رستو 116
76. جلوا رنگ رتول پرينءَ جا 117
77. پنجڪڙا 118
78. تون منهنجي درد جو سُر 119
79. سڏن تي پاڻ ڪان وسري وڃان ٿو 121
80. هن سان جو دوستي وڌي وئي آ 122
81. تون نئي سمجهي سگهين 123
82. ڇا تون ندي آهين 125
83. ُهلندڙ گاڏي، وسندڙ بارش، مان ۽ هوءَ 126
84. ٽ سٽا 127
85. ٽ سٽا 128
86. زندگي پيار ڪان سوا ڇاهي 129
87. گهري سانت لڳي ٿي گهاءُ 131
88. اوهان جي محفل ڪٿي ٿ هوندي 132
89. توکي ڏسندي نہ هوا آهي 133
90. ٽ سٽا 134
91. پنجڪڙا 135
92. مون پنهنجا چپ بند رکيا آهن 136
93. ٽ سٽا 137
94. چنڊ دوري ۾ لهي ٿو 138
95. ها، جهڪي ٿي جوين جوت 139
96. اجا اڳاهان پيچرا وڃن، ته پنڌ ڪيئن ڪٽي 140
97. وٺن ٿا عشق جا غم 141
98. ڏني هي، ڪنهن صدا بي چين آهي 143
99. شاعرُ 144


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سچ ٿو مهڪي اڪيون

عام ماڻهو حال ۾ جيئي ٿو، پر هڪ شاعر حال سان گڏوگڏ ماضيءَ ۽ مستقبل ۾ به جيئي ٿو. هو 'اڄ' سان پاڻ کي واڪيل رکي ٿو. 'ڪالهه' هن کان ڪڏهن نه ٿو وڇڙي، ۽ 'سڀاڻي' هن لاءِ ڪڏهن نه ٿو مري!

اهو به ٺيڪ آهي ته اسين جڏهن به ڪنهن شاعر بابت ڳالهايون ٿا، تڏهن هڪ اهڙي باوصف شخص بابت ڳالهايون ٿا، جنهن جاتي اَجاتي پاڻ تي ڪيترين ئي ذميوارين کڻي ورتيون آهن.

۽ هڪ شاعر باوصف تڏهن ئي ٿو بڻجي، جڏهن هن جي شاعري باوصف هوندي آهي. ۽ هو ڪيتريقدر باوصف آهي، ان جو ادراڪ هُن جي شاعريءَ مان ئي ڪري سگهجي ٿو. اسحاق سميجي جي شاعريءَ کي به انهيءَ ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جڳائي:

نگاهن گنگنايو پئي،
هوا سُرندو وڄايو پئي.
وئي پئي ڦهلبي خوشبو،
اوهان جو مسڪرايو پئي.

بحر مختصر هجي يا طويل، صنف پابند هجي يا آزاد، تخليقي سطح تي ان کي نيائڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ ته شاعري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خواب جيڪي پاڻ ننڊپڻ ۾ ڏٺا،
ساڀيا تن جي الائي ڇو نہ ٿي!

انهيءَ غزل جا سيني شعر مون ليکيا آهن، ۾ اُهي پڙهندڙن لاءِ ئي ڇڏيان ٿو. پر جڏهن غزل جا سيني شعر ليکڻ جهڙا هجن، تہ اها ڳالهہ شاعر ۽ پڙهندڙن جي حق ۾ تہ وڃي ٿي، پر خود شاعريءَ جي حق ۾ نہ ٿي وڃي. ۽ ان مان اها پروڙ پوي ٿي تہ اسحاق تک بنديءَ / قافئي بازيءَ وارو شاعر نہ آهي. ان ڪري سندس شاعري بہ ايڏي ئي ڏيان گيان سان پڙهڻ جڳائي، جيڏي ڏيان گيان سان هن شاعري ڪئي آهي، رچي آهي:

ڇڳون هي اوهان جون سکيون رات جون،
ستارا ستارا اکيون رات جون!

اهڙيون ستون ڳوٺ جي کُليل آسمان جي مشاهدي کان سواءِ نہ ٿيون لکي سگهجن، پر انهيءَ منظر جي يادگيري "ڇڳون هي اوهان جون" سان سلهاڙيل آهي.

ردم، لئي، سر ۽ آهنگ ۽ معنيٰ - اهو سڀ ڪجهہ شاعريءَ جي ماڌيم ۾ اسان جي آڏو اچي ٿو. ۽ شاعري هڪ محنت طلب رياضت آهي، جيڪا ڪڏهن بہ نہ ٿي کٽي. هڪ لفظ کان ٻئي لفظ تائين، هڪ سٽ کان ٻيءَ سٽ تائين، هڪ گيت/ غزل/ نظم.... کان ٻئي گيت/ غزل/ نظم تائين، هڪ شاعر کي ڪيترن ئي مرحلن مان اُڪرڻو ٿو پوي، ۽ اهو سڄو سفر مشاهداتي، احساساتي ۽ تجرباتي سفر آهي. داخلي توڙي خارجي سطح تي، هڪ شاعر جو ذهن بہ پيرن وانگر پنڌ ۾ رهي ٿو. ان پنڌ ۾ جيڪڏهن ساهي اچي بہ ٿي تہ صرف ان تخليق کي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکي سگھجي ٿو. پنجن سٽن ۾ ڪل 20 لفظن جي انهي، نظم جي معني گهري آهي، غلاميءَ جيتري ئي گهري. هر ڪا ڳالهه سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي. اسان جي حال ۾ مجموعي صورتحال ٿي، جنهن ۾ اسان جو ڪالهه/اڄ/ ۾ سياڻي - هٿ ٺريءَ جي ليڪن جيان چِٽو پِٽو آهي. ۽ اهي ليڪون سڌي هٿ تي به ڏسي سگھجن ٿيون، ته سڌي هٿ جون پنج ئي آڱريون کولي به ڏسي سگھجن ٿيون:

ماءُ تي ۽ پيءُ تي
ايڏو چڙين ٿو!
ڪجهه غلاميءَ تي به چِڙ
جو
غلاميءَ ڪان وڏي ڪا گار ناهي!

اسان جي حال ۾ صورتحال تي اهو هڪ گنڀير ۾ پرپور نظم آهي.

۽ انهيءَ سڄيءَ صورتحال - سنڌ جي سماجي، معاشي، سياسي، ثقافتي ۽ ادبي تباهيءَ واريءَ صورتحال جا جيڪي ڏنا وائنا ذميوار آهن، انهن کي هر دور ۾ غداريون ڦبنديون رهيون آهن:

غدار سياستدانن ڪان
بهتر آهن نانگ ۽ وڇون
جيڪي
زلزلن ۾ به
طوفانن ۾ به
مٽيءَ سان وفادار رهندا آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ انهن غدارن جو جڏهن به نالو کڻجي ٿو، تڏهن اهي پاڻ، انهن جا پنيلا، چاڙتا، پولڙيا پنهنجي ڪانئرتا جي بنهه هيٺين سطح تي لهي تا اچن. اتي "غدار سياستدانن" ۾ رڳو "سياستدان" ڪونه آهن. سياستدان ته اتي علامتي سطح تي آيو آهي ۽ پرپوربت سان آيو آهي. هڪ اهجاڻ/ علامت هڪ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ هر غدار پنهنجو چهرو پسي سگهي ٿو:

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نه چکنو،
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا!

۽ انهيءَ دنيا لاءِ، جيڪا "مايا ڇايا ڇل" آهي، اهي غدار سيڪجهه وڪڻي ٿا ڇڏين، ويندي قوم تائين:

قومي فروختند چه ارزان فروختند.

اهي "اٿاسا" پنهنجي وطن تائين، سيڪجهه تين وال ڪري ٿا ڇڏين:

سڄڻ ۽ ساٿيهه، ڪنهن اٿاسيءَ وسري،
حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو!

۽ اسان وٽ حالت اها آهي ته پاڻيءَ جي واري تان ته خون ٿي وڃن ٿا ۽ اڌ ۾ پاڻيءَ بدران رت وهي ٿو، پر جڏهن پورو "سنڌو" چورائجي ٿو وڃي، تڏهن انهن غدارن جي اک جو پاڻي به مري ٿو وڃي. ووٽر لسٽون سنڌيءَ ۾ نه ٿيون ڇپجن ته ڪو ٻڙڪ به نه ٿو ٻاڦي:

اينرو سخت سناٽو آهي،
سُني ڪرن جو به جنيءَ طرح اچي ٿو آواز.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحريري فن سان جيڪي بہ لاڳاپيل آهن، اُهي ئي پنهنجي ٻوليءَ جي باري ۾ جڏهن حساس نہ آهن، سچيت نہ آهن، تہ پوءِ سندن لکڻ جو جواز ئي ڪهڙو آهي! اهو سوال خاص ڪري تخليقڪارن سان آهي، ۽ انهن مان بہ خاص ڪري شاعرن سان آهي، تہ اُهي سنڌي ٻوليءَ کي تخليقي سطح تي ڪيئن ٿا ورتائين؟

ان ڏس ۾ اها ڳالهہ بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ شاعريءَ ۾ ڪتب آيل لفظ لغت ۾ هڪ سند بڻجي ٿو وڃي، انڪري لفظ جي صحت کي قائم رکڻ کپي. مثلاً اسين لفظ کي جيئن اُچاريون ٿا، يا ان جو اصل اُچار جيئن آهي، انهن مان چونڊ ڪيئن ڪجي؟ ان ريت مخفف جو مسئلو آهي، جهڙوڪ : جڏ (جڏهن) ڪڏ (ڪڏهن)، هن (آهن)، آن (آهن)، هان (آهيان)، هين (آهين) وغيره. ان ڏس ۾ سڄي ذميواري شاعر جي آهي، تہ هو لفظن کي / مخفف کي محض بحر وزن يا ردم / لئي جي پورائيءَ لاءِ تہ ڪتب نہ ٿو آڻي؟ ان ريت سنڌيءَ جا مختلف لهجا آهن - لاڙي، وچولو، اترادي، لاسي، ڍاٽڪي وغيره - انهن سڀني جي ڄاڻ بہ هڪ شاعر لاءِ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ ائين ئي هو انهن کي شاعريءَ ۾ گهرج سارو ۽ مهارت سان ڪتب آڻي سگهي ٿو:

تون منهنجو خواب، منهنجو پيار، منهنجو سڀ ڪجهہ آن،
مان تنهنجو ڪجهہ بہ نہ هان، ڪجهہ بہ نہ هان، ڪجهہ بہ نہ هان.

اسين جڏهن بہ ڪنهن صنف جي لوازمات جي پورائي بابت ڳالهايون ٿا، تڏهن ان جو مقصد پنهنجي ڌرتيءَ سان ناوابستگي قطعي نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ شاعريءَ جو تاجي پيٽو، اوجو، رنگ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمونو - اهي سڀ فطري طور تي پنهنجي ڌرتيءَ، ان جي ماڻهن ۽ منظرن جا ترجمان هئڻ گهرجن - ۽ اهو سڀ شاعريءَ ۾ تڏهن ئي سمائجي سگهي ٿو، جڏهن خود شاعر جو خمير پنهنجي مٽيءَ مان جُڙيل هوندو. اهڙو شاعر تقليد تي نه پر تخليق تي ڀاڙيندو آهي. هو نظرياتي قياس تي تنگجي واهه واهه وصول نه ڪندو آهي. بلڪ انفرادي ذات ۽ ڌاڻ؛ جي آڌار پڙهندڙ/ٻڌندڙ جي من کي ڇهندو آهي. هن وٽ سمورا احساس، خيال، ڪيفيتون، ٻولي، گهاڙيٽا - پنهنجا هوندا آهن. ڌاريا، اُڌارا ورتل نه هوندا آهن، پوءِ ٿورا ئي سهي:

ٿورا دوست ۽ ٿورا شعر ۽ ٿوري ٿون.

لپ سهي، ٻونڊ سهي، پل سهي، لڙڪ سهي - هن جو پنهنجو هجي. اصل هجي، نقل نه هجي:

ٿورو ڳالهايو
لفظ به موتي تا ٿين
ايئن نه اڇلايو!

ٻوٽو ڪهڙو به هجي، پر اُن کي پنهنجي مٽي پاڻ ءِ پوڻ کپي. غزل به هڪ اهڙو ئي ٻوٽو آهي، جنهن کي سنڌ جي مٽي، پاڻي ۽ هوا پاڻ ءِ پنجي وئي آهي:

ستارا ٽاڪيل آهن مٿين جنئن
۽ ڪاري رات ڪولهڻ جو پڙو آ

•

شهر وچي هو موٽيو ڪونه،
راهه ۾ نُور وڄايو ماءُ.

•



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوڙ ۾ ڏڙ، سسي سوا نيزي،
عشق ۾ ڪو ڪتي نہ ڪاري، ڪان

هڪ شاعر ڪي اياز جي غزل جو هي شعر سدائين ياد رکڻ گهرجي:

ٻني جي ڪنهبي ڪي ڏي ٻن،
پنهنجي لوئي، پنهنجي لاڪ!

اها بي ڳالهہ آهي تہ ڪن ڪي نہ پنهنجي لوئي وٽي ٿي، نہ ئي لاڪ! اُهي پرائي ڪنهبي تي ئي هر ڪ هاري ٿا ويهن. اُهي ڏاريا استعارا، تشبيهون، ترڪيبون، ماحول، ڪردار، علامتون.... ڪٿي ٿا اچن. انهن ڪي تہ اها بہ خبر نہ آهي تہ "جگنو" ڪي سنڌيءَ ۾ ڇا چئبو آهي:

لڪا ڪڙڪبيتا گلابن اندر،
ڪٿي مشعلون چند ڳولين پيو.

اسحاق ياڻ ڪي جَڙ سان جڙي رکيو آهي:

شهر تہ هڪ دل جو استعارو آهي،
جنهن ۾ ڪو ڳوٺ ڏڙڪي رهيو آهي.

۽ اسحاق ائين پنهنجي دل جي موسم ڪي سرسبز رکي سگهيو آهي - ۽ سنڌس اکين جو پاڻي سڪو نہ آهي:

سائي هرڪا دل جي مُند،
نيڻن منجهہ جهڙالا ڙي!

هڪ شاعر ۾ تجربي جي جوکم کڻڻ جو ساهس هئڻ گهرجي:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجي پڙهندڙ اگر ڪو،
اڪيون اتماس آهي!

هن ڪي سدائين نين ڏسائن جي ڪوج لهڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي:

زندگي هولي لڳي،
راند ڪيڏڻ جي وهيءَ ۾ –
عشق جي گولي لڳي!

مختصر بحر ۽ ٽورين (ٽن) سٽن جي هن تجرباتي صنف ڪي اسحاق ڪاميابيءَ سان اسان جي آڏو پيش ڪيو آهي:

تون نگاهه سان مُرڪين
جڻ ته سانت سارنگي
جڻ ته شام نارنگي

هيٺين ٽن سٽن ۾، پڇتاءَ وارو احساس ته آهي، پر لڙڪن جو ذڪر ڪٿي به نه آهي، پر اڪين جي آلاڻ اسين پنهنجي اکين ۾ به محسوس ڪري سگهون ٿا:

چشمو لاهيندي
سوچيم نيٺ به ڇا مليو؟
توکي چاهيندي

انهن ته – سٽن ڪي اسحاق چند جو ويس پهرايو آهي ۽ انهن ۾ هڪ مڪمل ڪيفيت ۽ مڪمل منظر پينٽ ڪيو آهي. اهي ته – سٽا، هائيڪو يا ٽيڙو – هڪ ڪامياب تجربو آهي. هجر، فراق، جدائي، يا وڇوڙو جيترو پراڻا موضوع آهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوترائي نوان بہ آهن، ۽ اسحاق بہ ان موضوع کي نئين رنگ ۾ پيش ڪيو آهي:

توکي ڏار ڪري
مان جنہن ڪا تيلي ٻري
خود کي ڇار ڪري!

پيار شاعريءَ ۾ هميشہ کان تازو توانو جذبو رهيو آهي. اسحاق ان جذبي کي محدود نہ رکيو آهي، بلڪ ان کي لامحدود ڪيو آهي، ڦهلايو آهي:

پيار ورهائيندس
ڄاڻيندي بہ تہ موت ۾
پٺر پائيندس!

اسحاق جا نثري نظم سهل پسنديءَ يا فيشن پرستيءَ جو نتيجو نہ آهن، بلڪ اُهي شعور جي گهرائيءَ مان ڦٽي نڪتل آهن - "ڇا تون ندي آهين"، "هوءَ"، "شهر تہ هڪ دل جو استعارو آهي"، "گل..." ان جا مثال آهن. اسحاق "ايڊز" جهڙي بين الاقوامي خطري کان آگاهہ آهي:

هن جي نمار هڪ بازار فتح ڪري پئي سگهي،
هن جي مرڪ هڪ شهر
۽ هن جي سونهن هڪ مڪمل ديس
پر هوءَ ڪجهہ بہ فتح نہ ڪري سگهي
هن جي ماءُ جي ايڊز
هن ۾ منتقل ٿي
۽ هوءَ نندڙي وهيءَ ۾ ئي مري وئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو هڪ اهڙائي نظر نه آهي، اڳيئن ٿي - ڳوٺ هوڪي، تي، ڪي وراثت ۾ ڇا ڏنو؟ ايڊز، غلامي، گدلاڻ، تشدد، انتهاپسندي، جنونيت، فرقيواريت، ڊرگس... موتمار هٿيار...! ۽ نوحه گر هوائون!

صديءَ جا نيڻ نم آهن
پکين جي لات ۾ ڪا نعت ڪانهي!

شاعر جا نيڻ خواب ڏسندا آهن، ۽ نتيجي ۾ ڪيس درد نئي پلئه پوندا آهن:

ويندي نيڻن جون خرزينون خوابن ساڻ ڀريونسين
ڪيڏا درد پلئه ۾ پائي، موٽي آيا آهيون
پئسا ماٽي، پيار وڃائي، موٽي آيا آهيون
ڏس ته اسان پرديس ڪمائي، موٽي آيا آهيون.

ڪلاسيڪل وائيءَ کان نئين وائيءَ تائين، وائيءَ جو هڪ الڳ اتهاس آهي. نئين وائي ڇند ۽ بحر ۾ لکي وڃي ٿي. اسحاق به ٻنهي گهاڙيتن ۾ وائي لکي آهي:

آيا ڙي آيا،
ڇمر ڪري اوڙڪون!
اُڃي اُڀ تي مينهن جا، ڇڄ ڀري ڇايا.

سنڌ تي ميگهه ملهار جي نويد ڏيندڙ شاعر تي جڏهن حقيقت کلي ٿي، تڏهن هن جي دل مان درد ڇلڪي پوي ٿو:

پيڙهي به پيڙهي،
سنڌ پئي ٿي پيڙهجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سکي ستابي سنڌ، ڏکي ڏاهپڻ جو ڏيک ڏني رهي آهي
چند غدارن جي ڪري پيڙهين تائين پيڙهبي ٿي اچي! ۽ اسحاق
جي پيڙهيءَ تائين بہ حالتون بدليون ناهن، بلڪ جيئن پوءِ تيئن
بدتر ٿينديون وڃن. پر خود اسحاق جي پيڙهيءَ جا گهڻا شاعر
آهن، جيڪي هن ٻاٽ ۾ لفظن جي لاٽ ٻارڻ جي سگهہ رکن ٿا؟

درد جو ٻاري چراغ،
رات ڪاٽي ٿا چڏيون!

۽ شاعر جي دل مان دعا ٿي نڪري:

او شل ڌرتيءَ ماءُ جي
چگ نہ ٿئي چيڙهي!

۽ شاعر جي دعا اگهامي ٿي وڃي، ۽ هن جي سپنن کي
ساپيا ملي ٿي وڃي:

رات واري خواب کي
جڻ تہ ساپيا ٿي ملي
سچ ٿو ممتي اکيون!

- امداد حسيني
ڄامشورو، سنڌ
3-1-2001



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽـورا ڳـوڙها
# ٽـورا لـفـظ

منهنجو شاعر ٽيڻ، منهنجي دوستن وانگر منهنجي لاءِ بہ هڪ انڪشاف ئي هيو. مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪجهہ ٽيڻ لاءِ سوچيو ۽ رٿابندي نہ ڪئي آهي. تنهنڪري شاعريءَ ڏانهن بہ سوچي سمجهي ناهيان ويو. شاعري منهنجي رت جي جُزن (Genes) ۾ هئي يا نہ، پر خانداني ورثي ۾ نہ هئي. ان ڪري پڙهڻ دوران جڏهن هوريان هوريان شاعريءَ جو لُطف منهنجا پير ڪيڏندو ويو ۽ ان جو حظُ مونکي سُوم رس جي نشي وانگر باقي سموري ڪائنات کان مٿي ڪڻندو ويو، تڏهن مون شاعريءَ کي پنهنجو مقدر سمجهي قبول ڪري ورتو. منهنجي لاءِ مقدر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرحد اتان شروع ٿئي ٿي، جتان انساني ڪوششون ۽ خواهشون هار ڪائي موٽن ٿيون. پر منهنجي شاعريءَ جي سرحد ڪٿان شروع ٿئي ٿي؟ مون ڪڏهن ان تي سوچيو ناهي. جيڪڏهن ان جو خوامخواهه به جواب ڏيڻو پوي، ته مان ان کي پاڻ کان شروع ڪريان. تخليق ڪان ايجاد ۽ خدا جي ڳولا تائين، ماڻهو پاڻ ئي پاڻ ظاهر ڪرڻ جي سرگرميءَ ۾ رڌل آهي. انساني تاريخ جو سڀ کان وڏو انڪشاف اهو آهي ته هر ماڻهوءَ اهڙي غير معمولي صلاحيت جو مالڪ آهي، جنهن وسيلي هو پنهنجي ڪنهن عمل، ڪارنامي يا ڳالهه وسيلي پنهنجي زندگيءَ تي حاوي پئجي سگهي ٿو. پر آخرڪار به ماڻهو پنهنجي زندگيءَ کي پاڻ ئي شڪست ڏيڻ چو ٿو چاهي؟ چا ان ڪري ته هو زندگيءَ کان پوءِ به جيئڻ چاهي ٿو؟ ان سان سهمت نه هوندي به، ان جي امڪان کي رد ڪري نٿو سگهجي. البته تخليق، ايجاد ۽ ڳالهه جي اها ئي خوبي انهن کي زندگيءَ تي فوقيت ڏياري ٿي ته جڏهن زندگي نٿي رهي، تڏهن به اهي ان جي موجودگيءَ جوا حساس ڏيارين ٿيون.

مون اڪثر ان تي سوچيو آهي ته آخر اها ڪهڙي ڳالهه آهي، جيڪا چوڻ لاءِ مان گذريل ڏهن سالن کان لاڳيتو شعر لکي رهيو آهيان، پر هن مهل تائين ڪنهن هڪ به سٽ ۾ اها اچي نه سگهي آهي. بار بار سوچڻ ويچارڻ باوجود اهوئي جواب ملي ٿو ته شايد ڪا به نه- يا شايد اهڙي جنهن جي خود مونکي به خبر ڪانهي. مون جڏهن به شاعر اسحاق کان سوال ڪيو آهي ته تون شاعري ئي چو ڪندو آهين؟ تڏهن ان وٽان هڪ ئي جواب ملندو آهي: چاڪاڻ ته مونکي ان کان سواءِ ٻيو ڪو به ڪم اينتري سليقي سان نٿو اچي. پر جڏهن شاعر اسحاق مون کان سوال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ٿو ته تون شاعري ڇو نٿو ڪرين؟ تڏهن ڪيس به سدائين ساڳيو جواب مليو آهي: ڇاڪاڻ ته مون وٽ شعر لکڻ جو سليقو نه آهي.

ممڪن آهي ته هن ڪتاب ۾ موجود سوين فضول سٽن مان ڪا هڪ اڌ اهڙي به هجي، جيڪا اوهانکي شعر لڳي. پر منهنجو اهو اعتراف هرگز به منهنجي انڪساريءَ جو نتيجو ناهي، ته جنهن کي مان "شاعري" سمجهان ٿو، سا ڪي ٿيا شاعر لکي رهيا آهن: ۽ انهن جي سورج جهڙين سٽن آڏو اسان جا لفظ، نازڪ گلن جي پنکڙين وانگر ڪومائجي وڃن ٿا. لفظن کي سٽ ۽ سٽ کي شعر بڻجڻ لاءِ جيڪا هڏيءَ جي مِک گهرجي، سا هر ڪنهن شاعر کي نصيب نه ٿيندي آهي. ايئن نه هجي ها، ته سؤ سال جي صديءَ ۾ فقط ٻه چار شاعر ٿي، سچي دؤر کي پنهنجي سٽن جي سحر سان منڊي، عمروءَ وانگر پنهنجي اثر جي زنبيل ۾ وجهي، ڪنيون هليا نه وڃن ها.

اسان وٽ ته مشڪرن، مدارين ۽ لفظن سان جنسي ڏاڍايون ڪندڙ ماڻهن به شاعر طور سڃاڻپ ڪرائي ورتي آهي. ۽ ويچارا شاعر مذاق بڻجي ويا آهن. ان خوفناڪ صورتحال جو اهم ترين سبب ادبي ۽ شعري تنقيد جي ڏڪار واري صورتحال آهي. شاعريءَ کي شاعريءَ جي طور تي سمجهڻ ۽ ان تي ڳالهائڻ، حرام ڪائڻ برابر ٿي ويو آهي. مان پنهنجي شاعريءَ تي هر قسم جي تنقيد برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان ۽ پنهنجو هي ڪتاب بهتر شعري تنقيد جي راهه هموار ڪرڻ لاءِ اهڙيءَ ريت ڊونيٽ ڪريان ٿو، جهڙيءَ ريت سنڌي شاعريءَ جي وڏي نقاد تنوير عباسيءَ پنهنجو جسم طبي سائنس جي تجربن لاءِ ڊونيٽ ڪيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمزوري، هوا ۽ روشنيءَ وانگر ضرورت ۽ خواب ڏسڻ وانگر عادت بڻجي وئي آهي.

منهنجي خيال ۾، جيڪڏهن ارسطوءَ وانگر شاعريءَ کي معمولي، غير اهم ۽ فضول سڏي، زندگيءَ جي سرحدن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏجي، ته زندگي پنن ۽ گلن کان خالي ٽاريءَ وانگر معمولي، غير اهم ۽ فضول بڻجي ويندي. پر ان لاءِ شاعريءَ کي لغت ۾ ڪيل معنائن ۽ تشريحن کان ٻاهر ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي ضرورت آهي. معنيٰ ۾ الجهڻ آرٽ سان زيادتي آهي. تصوف انسان کي خدا جو مظهر سڏي ٿو ۽ آرٽ زندگيءَ جو مظهر آهي. ان ڪري، اهو ان جيترو ئي بي معنيٰ ۽ (جيڪڏهن ان جي ڪا معنيٰ آهي ته) ان جيترو ئي بامعنيٰ آهي. پر گل جي معنيٰ ڇا ٿيندي ۽ روشنيءَ جي تشريح ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ پاڻي فقط ايچ ٽو او جو فارمولو ته نه آهي، ائين ئي شاعري به لفظن جي تڪيل توريل ۽ ماڻهن پاران طئي ڪيل معنائن، سماجي پسمنظر يا ڪنهن نظرئي جو چشمو پائي ڏسڻ جي شيءِ ناهي، بلڪ اها خوشبوءِ وانگر محسوس ڪرڻ جي شيءِ آهي. جيڪا نه سنگهڻ باوجود ماڻهوءَ جا ڇهئي حواس ڇهي وٺندي آهي ۽ گهرائين تائين لهي ويندي آهي. شاعريءَ جو مقصد به خوشبوءِ جي مقصد کان مختلف نه آهي. مون هميشه پڙهيو به ائين آهي ۽ لکيو به ائين آهي. جديد جرمن افسانه نگار پيٽر بِڪسل جي لفظن ۾ "مونکي فقط ۽ فقط حرفن اديب بڻايو آهي، نه ڪنهن روگ، نه پيغام ۽ نه ئي تربيتي پروگرام - صرف حرفن" . بائيبل ۾ آيو آهي ته "ابتدا ۾ صرف لفظ هئا" . ان لحاظ کان لفظن سان شناسائي ۽ تعلق جوڙي، مون پنهنجو رشتو پنهنجي ابتدا سان ڳنڍڻ جي ڪوشش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو پيءُ آدم وانگر سادو ۽ منهنجي ماءُ حوا وانگر معصوم آهي. انهن جي ذهن خوابن مان هڪ خواب مان به آهيان. پر جيئن خوابن تي وس ناهي هلندو، ايئن ئي مون تي به هنن جو وس نه هلي سگهيو آهي. بابي جي مذهبي هجڻ باوجود، اسان جو گهراڻو مذهبي نه آهي. شايد ان ڪري ئي، منهنجي ماءُ مونکي ڪڏهن ڪو تعويذ يا امام ضامن ناهي ٻڌو. پر هن جي دعائن جي نتيجي ۾ ئي مونکي آزاد، ذوالفقار ميراڻي، شبير هاليپوٽو، منصور سيناڻي، نصير مرزا، علي دوست عاجز، صادق فقير، اختر رند، مصطفيٰ نانگراج، جاني اسحاق ملاح، عزيز ڪنگراڻي، علي مراد سميجو، حافظ عثمان، عاجز جمالي، معصوم بخاري ۽ سليم جوڻيجي جهڙن دوستن جو هڪ وڏو خزانو ۽ ساره سان شاعريءَ جهڙو تعلق نصيب ٿيو آهي. ان ڪري ڪوبه روڳ، ڏک يا هار مونکي احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿيڻ نٿي ڏئي.

مونکي فقط هڪڙي ڳالهه مستقل پريشان ڪري رکيو آهي. نه جنهن کي مان شاعري سمجهان ٿو، جڏهن اها لکي به نٿو سگهان، تڏهن منهنجو ڏک توڙي سُک شاعريءَ سان ڇو ڳنڍجي ويو آهي؟

اسحاق سميجو

12-01-2001

حيدرآباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دل جي اسٽيشن

ڪيڏي ويران دل جي اسٽيشن
ڪو بہ فانوس، ڪا بتي ناهي
انڌ، اوندھ لڳي پئي آهي
خالي پڙيانگ سارين آفيسون
چاري ورتل سموريون ديوارون
ڪو مسافر ڪڏهن نہ آيو آ
۽ نہ ڪوئي ٽڪيٽ گھر آهي
هر طرف ٿي وَسَي پئي ويراني
سخت سِيراف، سَڃَ، حيراني

پوءِ بہ هر روز درد جي گاڏي
ايندي - بيهندي - ۽ گذري ويندي آ !

سيراف ڏيپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

نگاهن گنگنايو پئي
هوا سُرندو وڄايو پئي

وئي پئي ڦهلبي خوشبو
اوهان جو مسڪرايو پئي

پڳو آرس پئي ڇوريءَ
خدائن سر بچايو پئي

جلي پئي خود به، ڪمري ۾
جنهين چندن جلايو پئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نگاهون جهنگ خوابن جو
اوهان سو شهر ٺاهيو پٺي

نہ ويڇڙيل پاڻ لئي آيو
نہ هن جو خواب آيو پٺي

ڏسي گهر سر لڳو اسحاق
ٺيو لايو سجايو پٺي

□

تون وئين، لکندي ڇپندي آئي تنهائي
مون وٽ درد، ڪتاب، جدائي، تنهائي
ٿورا دوست ۽ ٿورا شعر ۽ ٿوري تون
آئي حصي منجهہ سوائي تنهائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

خلا مان ٽٽو جو، گفا ۾ ڪريو!
ستارو هو يا ڪنهن جو سپنو هيو!

انهيءَ ڪي وري آڳ ٺاريو اڄي
سڄي رات بارش ۾ جيڪو جليو!

هوا ۾ ڪو غمگين احساس هو
انهيءَ سان ڪتي روح پئي پٽڪيو!

تصور ۾ آندا سندس نيڻ مون
۽ آڪاس جو رنگ بدلجي ويو!

وساوَرني نڪتي مزارن متان
مُئن جو ويل روح موٽي پيو!

لڪا ڪڙڪيتا گلابن اندر
ڪٺي مشعلون چند ڳولين پيو!

---

وساورني: اندلٺ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

هئــو رڳــو پـــاڻ ئــي وڄـــائڻ لاءِ
بياتـــ هئاســـپ جهـــان مـــاٽڻ لاءِ

آءُ پيـــدا ڪيـــو ويـــو آهيـــان
توڪـــي ئـــي بـــار بـــار چـــاهڻ لاءِ

مـــون جلائـــي آ هجـــر تنهنجـــي ۾
دل ملـــي ئـــي هئـــي جلائـــڻ لاءِ

ياد تـــو هـــي اچـــي تـــ مرڪـــان تـــو
لڙڪ هونـــدا هئـــا وهـــائڻ لاءِ

ڇـــو تـــو ســـگريٽ ايتـــرا ســـاڙين
دل ڇـــا ڪـــافي نـــ آ جلائـــڻ لاءِ

نوٽ ميڙي بــ ڇا ڪندين اسحاق
خواب ڪجھ ميڙ خوش گذارڻ لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

پيار هڪڙي حَسين سَرگوشي
درد ڪان دلنشين سَرگوشي

اڄ هر هر جهُڪي ڪَنائي ٿو
ٿي وئي آ زمين سَرگوشي

بي رنگي ڪائنات جي ڪَنَ ۾
آهه هولي رنگين سَرگوشي

بند تحفي ڪلڻ ڪان اڳ ۾ ئي
ڪئي گلابي رَبين سَرگوشي

نقش هُن جا اکين ۾ گونجن ٿا
جڻ ته هئي نازنين سَرگوشي

آءٌ چوندو رهيس، "ملو ڪڏهين!"
پوءِ بہ پوڙيءَ ٻڌي نہ سَرگوشي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڇانوَ مٿان ڪسڪي وئي ڪَڙ سان
هُو ٻڙ جئن بيٺو هو ٻَڙ سان

سڪل ماني ڇوڙيِ ڪاڏئين
ياد پڌائين پيهر هَڙ سان

اڪيل پاند ڇنّي ٻه وڃي، پر
جَڙ ڪيئن ڇنندي ڦاٽل جڙَ سان

ڪنهن لئه پاڻ بچائين سهٽي
اڪا نه ڪنهين الهڙَ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رات جي گنلڻي تلاءُ ۾
چنڊ جو ڪنول ٽڙيو، ٽڙيس

لنگهيس پٺي سارُ شاهراهه تان
درد جو غزل چڙيو، چڙيس

مري ويو نظر انداز ٿي
اهو ٻڌي اجل ڪليو، ڪليس

بهار ۾ خزان جو ذڪر ٿيو
ولِ مان ڪو گل ڪِريو، ڪريس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاڻ ٻنهي ڄاڻا ڪياسين
درد دل جو حصو ڪيو -
عشق لوڪ قصو ڪيو!

تنهنجي ساٿ جو هر پل
ڄڻ تہ ڏينهن بارش جو -
ڄڻ تہ انت خواهش جو!

تون رکو رسي ويندين
نيڻ گهاوَ جيئن چڪندا-
خواب ڇر جيان ڏنگندا!

درد جو ڏکيو رستو
پهچندو ٽڪر ڪنهن تي -
بعد ۾ قبر ڪنهن تي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءَ ننڊ پئي آهي
آسمان جاڳن تا -
پئي جهان جاڳن تا!

خواب آهي يا خيال؟
آءٌ تنهنجي ٻانهن ۾ -
رنگ رنگ راهن ۾!

ڇو نہ ڪيس ڇيڙين ٿي؟
روح ڪوئي سُرندو آ -
جي وڃي نہ، ڪُرندو آ!

تون نگاهہ سان مرڪين
ڇڻ تہ سانت سارنگي -
ڇڻ تہ شام نارنگي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تقدير جو ستارو

هوءَ منهنجي لاءِ ڏند ڪٿا مان نڪري آئي
مون هن جي لاءِ ڪيوپڊ جو تير ڪاٺيو
نئون جنم ورتو -
اسين پهريون ڀيرو خلا ۾ مليا هئاسين
ماڪَ اسان جي خوابن کي وهنجاريو
سج اسان جي نـور ۾ روح ڦوڪيو
پکين اسان جي ساٿ جي سلامتيءَ جا گيت ڳايا
۽ اسان ٻنهي جي جسمن ۾ هڪ ٻئي لاءِ ڪشش ڪي
آخري تهہ تائين ڀريو ويو
خدا اسان جي رضا سان
ٻنهي جي تقدير لاءِ هڪ ئي ستارو ٺاهيو -

ٻيو ڀيرو اسين زمين تي ملياسين
مقدر اسان کي جهڪي سلام ڪيو
وڻن هڪ ٻئي سان سرگوشيون ڪيون
۽ هوا ازل جي ناچ ۾ پاڻياٺ وانگر حل ٿي وئي.
اسان جو سڀ کان وڏو ساٿ حادثن ڏنو
۽ اتفاق اسان جا دوست بڻجي ملائيندا رهيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن بہ عهد کان اڳ ۾
اسان زماني کي جُنتيءَ تان دز وانگر
ڇنڊي ڦٽي ڪيو
۽ آمهون سامهون ايندڙ پاڻيءَ جي ڇڙ ريلن وانگر
هڪ ٻئي ۾ لهي وياسين -
ڪيترن جنمن تائين
اسان ڇاڻي واڻي هڪ ٻئي مان نڪرڻ بہ وساري ويٺا
هئاسين
هڪ ڏينهن ڪنهن فرشتي جي ٻار
گليلو هڻي
اسان جي تقدير جي ستاري کي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو-
اهو آخري ڏينهن هيو
ڪيئي جنم گذري ويا آهن
تقدير جي ستاري نہ هجڻ ڪري
اسان کي پاڻ گردش ۾ رهڻو پوي ٿو!

❑

توکي پنهنجو خدا بڻايو ٿم
هاڻ مان ناستڪ رهيو ناهيان!

■



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

اڪيون آهن يا شمعدان آهن
پتنگ ڪيڏا نہ ٿيا مهمان آهن

ڏکيا آهن قلعا دل جا فتح ٿيڻ
اڪين جي لاءِ پر آسان آهن

نہ پتر ٿي سگهڻ جو غم ٿا پوڻ
وڏا بدبخت هي انسان آهن

محبت زندگي آهي، ۽ ان جا
محبت کان وڏا نقصان آهن

هُو واٽهڙو بہ جادوگر هيو ڪو
لنگهيو ڇا، ساهہ ٿيا سنسان آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪجل اکين کي، چپن کي مساڳ ڏئي ويو آ
هو مهربان مگر دل کي داڳ ڏئي ويو آ

نہ تنهنجي دوستي حاصل، نہ قربتون حاصل
الائي ڪير اسان کي هي ياڳ ڏئي ويو آ

ڪروڙ، ارب ستارؤ اکين جا ساتاريؤ
انهيءَ جي ڳول ڪيو، جو ڏهاڳ ڏئي ويو آ

ڪتاب عشق جو، جيڪو اجا لکيوسين پئي
انهيءَ جي لاءِ وڇوڙو مهاڳ ڏئي ويو آ

ڪٿي ڏي نہ وڃڻ دل جي ناوَ سوڏو پاڻ
هر انتظار جو ساگر اجهاڳ ڏئي ويو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيپ ۾ آهي سموري ڪائنات
ساٿ تنهنجو آ ضروري
ايتري ناهي ضروري ڪائنات

تيـــز ڪائـــن تـــا تصـــور
پـــو بـــ نيٽـــن جـــا مصـــور
عڪس پڪڙي ئي وٺن ٿا
تا ڇڻن رنگين - نوري ڪائنات!

گنـگنـائـن ٿيـون هـوائـون
رقص ۾ سڀ تنهنجون راهون
ڏو سوا سوچن تہ ٻاسي
ڪائناتن کي اڌوري ڪائنات !

گل سـوچـن مـاڪَ بـابـت
هانوَ ڪنهن حسناڪ بابت
توکي سوچيندي رهن پر
سڀ اکيون، هر دل، سموري ڪائنات!

ساٿ تنهنجو آ ضروري
ايتري ناهي ضروري ڪائنات!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشبو ٿي پوءِ
جهونڪو ٿي پوءِ
ڪجهہ وري نہ وري

چنڊ ٻڻجي يا
تارو ٿي يا
ٽانڊاڻو ٿي ڪوشش ڪر تون
رات ٺري نہ ٺري

سڏڪا بند ڪر
ڳوڙها بند ڪر
ضبط ڪرڻ سک، ڏيان تہ ڏر تون
لوڪ ڏري نہ ڏري

هُو خوش آهي
توکي ڇاهي
چپ ڇو آهين؟ ڳالهہ تہ ڪر تون
باهہ ٺري نہ ٺري

ڇا بہ هجي، پي
جيءُ تڏهن پي
لوڻ نہ ٿي، ڏس! ايئن نہ ڳر تون
درد ڳري نہ ڳري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

پئسا ماڻي پيار وڃائي، موٽي آيا آهيون
ڏس تہ اسان پرديس ڪمائي، موٽي آيا آهيون

ويندي نيڻن جون خزينون خوابن ساڻ پريونسين
ڪيڏا درد پلئہ ۾ پائي، موٽي آيا آهيون

نڪتا هئاسين ياڳ سنوارڻ پنهنجا، پنهنجي گهر جا
۽ رستن ۾ عمر لٽائي، موٽي آيا آهيون

جڏهن جڏهن تون دل ۾ آئين ٽوڙي سڀ دروازا
تڏهن تڏهن سڀ سڪ ٺڪرائي، موٽي آيا آهيون

ساري ڳولا بي معنيٰ آ، منزل سڪڻو خواب
دل کي ڳالهہ اها سمجهائي، موٽي آيا آهيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي چاهڻ سان هُو رُڪيو ٻہ تہ نہ!
پر جدا ٿي، رهي سگهيو ٻہ تہ نہ!

پيار جي کيل هو، تہ کهڙو هو؟
ڪنهن نہ هارايو، ڪنهن کٽيو ٻہ تہ نہ!

واندڪائي لنگهي حجابن ۾
پوءِ موقعو وري مليو ٻہ تہ نہ!

اوپرائپ وڏي اذيت هئي
ڪو سُڃاڻو ڪٿي ڳڏيو ٻہ تہ نہ!

ڇا نہ سنجيدگي ڏني صدمن
ٿهڪ ڏيندڙ هو، مُرڪيو ٻہ تہ نہ!

زندگيءَ جي ڪِياڙِحاني ۾
ڪو سجايو ڀَهر ڪَٽيو ٻہ تہ نہ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مان اجا جيئرو هان!

منهنجي سيني تي ڪريل وارَ ٻہ ٽي پيا آهن
وئي نہ آ بيڊ جي چادر مان بدن جي خوشبو
مون اهو ويڙهي رکيو آهہ حفاظت سان گلاس
بي خياليءَ ۾ ڇڏي ڇپ وئي آن جنهن تي
سو ٽشو، جنهن سان اگهيا هئا تو ڪڏهن هٿ پنهنجا
اوڇتو در ۾ لڳي، جيڪا ٽٽي هئي ﭼُوڙي
۽ اها ڳالهہ، رُسي جيڪا چوڻ تي چاهيَـئي
يا اهو پيار، جو سيني سان لڳائي آڇئي
۽ اها ننڊ، جا ان رات نہ تو ڪئي ۽ نہ مون
۽ اهو چين، جو تو وٽ ٻہ نہ هو، مون وٽ ٻہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ کان بہ حسين تنهنجي هٿن جو سو ڇُهڻ
ذائقو تڙپ جو
رَس ول ۾ ٻڏل جيئن مکڻ
هاءِ، هڪ ٻئي کي چمڻ
هاءِ سو هڪٻئي کان ڇڄڻ

يادگيريءَ جو مٿي کان آ وهاڻو اڄ ٻيي
ڪجھ بہ مون وٽ نہ ٿيو آهہ پراڻو اڄ ٻيي
تون ڇڏي وئينءَ جتي، جيئن، اتي ئي آهن
تنهنجي ڪنهن هڪ بہ امانت ۾ نہ ڪئي آ خيانت
آءُ هڪ طرفي نيائي رهيو آهيان محبت -
ڳالھ پر جيڪا چوڻ تو گهران، سا ہي آهي
تون بہ رهجي وئي آهين انهن شين سان گڏ
۽ فقط ايترو سوچي -
مان اجا جيئرو هان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

منهنجي بيتابي ڪٿائي ڇو نه ٿي!
راهه ڪا توسان ملائي ڇو نه ٿي؟

خواب، جيڪي پاڻ ننڊپڻ ۾ ڏٺا
سايا تن جي الائي ڇو نه ٿي!

نيڻ اڏريا ۽ هوا ٿي باهه وئي
پر انهن جا پَرَ جلائي ڇو نه ٿي؟

ڳالهه جيڪا هن جي اڻ تڻ ٿي ڏسي
ڇوڪري سا خود ٻڌائي ڇو نه ٿي!

مان جُنوني، هن ڪان ڇا رکندس ڀلا
هوءَ مون کي آزمائي ڇو نه ٿي؟

سڄو توسان شناسائيءَ جو مَنَ
هي، ٻاڳل دل پـُلائي ڇو نه ٿي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏک جا ڏينهن نـرالا ڙي!
ڪپـــڙا، ڳلــــڙا آلا ڙي!

سائي هر ڪا دل جي منـد
نيڻن منجهه جُـهڙالا ڙي!

ديوانـــن جـــا شـــعلا روح
پير پٿون، تــن ڇـالا ڙي!

يـاد نــ آئـي، آئـــي هـوءَ
پڪڙيـا رنـگ، اجـالا ڙي!

دل ٽجــوڙي نـاهي، جـــو
هٿجـن ان ڪـــي تـالا ڙي!

گهر لـي وينـدا مــاٺهوئڙا
رهجـــي وينــدا نـــالا ڙي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

چانديءَ جو ڇٽڻ، ڇُپ املتاس جي
خواب جي آ، يا وسعت آ آڪاس جي

روح ۾ ڪو ستاري جيان ٿو ٻَري
روشني هئي سچي ان ئي احساس جي

زندگيءَ ۾ بہ تنها، مُئي بعد پي
عمر کهڙي آ اوَڏوت! سنياس جي

ڳوٺ سنسان، جهنگن ۾ ڏاڙيل هن
ڪانهي حاصل سهولت بہ بنواس جي

پوئر بي واس گل تي بہ آيو جڏهن
ڪيئن ڪرامت مڃوُن، پوءِ پلا واس جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

جلــوو هيـــو يـــا وار هيـــو ٻـــاٽ ٻـــاٽ تـــي
ڳولـئـــي نـٿـــي پـتـنـــگ لـــڏا لاٽ لاٽ تـــي

هن جا قـدم هيا، يا هيا سـاڀيا جا خـواب
سـجدي ۾ ڪيـڏا نيـڻ هيـا واٽ واٽ تـــي

موٽـــي تـہ پاتڻين جي دلين سان دلا پـري
پاڻيءَ لئہ پدمڻي وئي هئي گهاٽ گهاٽ تي

تنهنجي دعا قبول نہ ٿي ڇا اسحاق، جو
ڏسجي ٿو اڄ بہ طوق طوق، ڳاٽ ڳاٽ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هُوءَ

هن جي نهار هڪ بازار فتح ڪري پئي سگهي
هن جي مرڪ هڪ شهر
۽ هن جي سونهن هڪ مڪمل ديس –
پر هوءَ ڪجهه بہ فتح ڪري نہ سَگهي
هن جي ماءُ جي ايڊز
هن ۾ منتقل ٿي
۽ هوءَ ننڍيءَ عمر ۾ ئي مري وئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ماءُ!

تعويذ پئي پاتم
تہ امان اڳتي وڌي آئي
۽ مٿي کان جهلي
پيشاني چمي ورتائين
مون تعويذ پٽ ۾ لڳل کليءَ ۾ ٽنگي ڇڏيو
"اهو ڇا ٿو ڪرين؟" هن پڇيو
"هاڻي مونکي هن جي ضرورت نہ رهي آهي.!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غلاميءَ کان وڏي ڪا گار ناهي!

ماءُ تي ۽ پيڻ تي
ايڏو چڙين ٿو!
ڪجهه غلاميءَ تي به چڙ
جو
غلاميءَ کان وڏي ڪا گار ناهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪي ڳالهائي ملي، رت جو روح رچي
هن جا ٽهڪ ٽڙن ته ڄڻ جر ۾ جهانءِ وڄي

○

ڪٿرا جاڳيل نيڻ ڄڻ اوجاڳي جا خواب
ڪٿرا ٻوٽيل نيڻ ڄڻ، پوئرن منجهه گلاب

○

ڪيسين پوئر گلاب ۾ رهڻو آهي بند
پڃندو ٽوڙي قيد سڀ، ڪڻندو ساڻ سڳند

○

تنهنجي مٺي ڳوهيل ڪئين خوشبوئن سان
ويندي پي رهجي وڃين، گذرين جنهن به هنڌان

○

جاڳيا تنهنجي خواب مان نيڻ ته درد نه هو
تنهنجي سار ٻري ته ڄڻ چنڊن ٻاريو ويو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

هيءَ بہ ڪهڙو ديس
جنهن تان رات لهي نٿي!
سو اپ ٿوڪارڻ ڪيي
ڪارَنهن جنهن جو ويس
جنهن تان رات لهي نٿي!
تنهن سان ڪهڙي دوستي
ديس هجي آديس
جنهن تان رات لهي نٿي!
دل اونداهي ڪنڌ جھڪي
ڪيئن ڪو چاهي ڪيس
جنهن تان رات لهي نٿي!
روڙي روڙي سج ٿي
پاڻ اچي لاهيس
هونئن تہ رات لهي نٿي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر خواب وڃڻ وانگر ڪائي، هر سارَ ڇڄري ڇڻ سئوبيري
ايڏو تہ لڇيا ڦٽڪيا آهيون، ساهن ۾ سُري ڇڻ سئوبيري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

عشق گذريو صفا ڪناريءَ ڪان
دل بچي وئي تباهڪاريءَ ڪان

تنهنجي ياد جي هڪ گھڙي بهتر
ٿئي زماني جي عمر ساريءَ ڪان

ڀاڻ تي لوڪ ڇو ڪلائي ٿو؟
ڪير ڀڄندو ڀلا مداريءَ ڪان

ڏوڙ ۾ ڏڙ، سڀ سوا نيزي
عشق ۾ ڪو ڪُڇي ته ڪاريءَ ڪان

شيخ جي دز رڪان ٿو نيڻن تي
هيڏ ويهان ٿو مان بخاريءَ ڪان

ڀاڻ ڇو ٿو شڪار جيئن ڦٿڪي
ڳالهه سلجهي سگهي نه ماريءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

هنرڪنر من ۾، رڻ جي رات
خوف اڪيلن ۾، رڻ جي رات

ڪاري خاموشيءَ جو رقص
دُور پَکن ۾، رڻ جي رات

هڪڙي نيڻ سمان هي چنڊُ
نيل گگن ۾، رڻ جي رات

"هُن تاري، هن هيٺ پرين"
اوسيئڙن ۾، رڻ جي رات

دُور ڪٿي ٿو سَنک وَڄي
گونجي بن ۾، رڻ جي رات

ڏاڍو ياد اچي ٿو ديس!
پرديسن ۾، رڻ جي رات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

الميـــي جـــي درد جـــي واكـــاڻ تـــان
آءُ صدمـــي جيئـــن گـــذران پـــاڻ تـــان!

زندگيءَ کي کيئن سمجهي تـو سگهي
جو ڇـَـتن وانـگر لنگهي تـو ڇاڻ تان!

هـڪ گهڙيءَ ۾، هـڪ جنم جو فيصلو
ڇا نـه پوڇيوسين انهـيءَ ڇڪتـاڻ تـان!

هـُـو اڪيلي ســر وڙهي تـو دوُر سان
۽ اڪيلـو تـي ڪـَلـي تـــو پـاڻ تـــان!

آءُ پـڳ پـڳ تـي وڇايـان تـو اکيـون
چنـڊ گـذري تـو اڇـي مهـراڻ تـــان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڇـَڳون هي اوهان جون سَـڪيون رات جـون
ســـتارا ســـتارا اڪيـــون رات جـــون

ڪيـون هـا تـہ بدنـام ٿئـي هـا گهٽـي
اسـان ڪـوڙ ڳـالهيون رڪيـون رات جـون

سو شـيرين بـدن ۽ سـي نمڪيـن چـَـپَ
اهـي لذتـون، ڪنهـن چـَـڪيون رات جـون؟

اوهـان جـي ڪجـل ڪـان متـاثر هيــون
اسـان سـپ ادائـون لـَـڪيون رات جـون

□

هــر روز شـــيوِ ڪــري ۽ ســـنوارجي اڄ ڪلهـــ
هـُـو پنهنجـو پـاڻ ڪان نٿـو سنڀالجي اڄ ڪلهـ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڇهي گذرين، ڪرين ڀيرا بدن کي
ڳنڍين مرڪي، سوين ڀيرا بدن کي

لٿي ٿو روح جو فانوس روشن
لڳن ٿا هٿ جئن ميرا بدن کي

نزاڪت ۾ گلن جي ٻيڻ آهي
ڍڪي ريشم، اڇن ڇيرا بدن کي

گلن جي خواهشن ۾ دل ڇٽي وئي
وڏي ويا سرءُ جا گهيرا بدن کي

اڏائي ڇڏ، ڪٽي ويندئي اڏائي
او ڪک جهڙي! اهي ڳيرا بدن کي

جسم آهي يا ڪعبو پوپٽن جو
ڇرين جئن ٿا ڏين ڦيرا بدن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪونہ ويٺي، ڪاوڙيل ويٺي رهي
آءُ ذرڪيس پئي ۽ دل ويٺي رهي

ڪنهن وضاحت ڪنهن پڇاڻي ڪان سوا
ھوءَ ضديري هئي، اٽل ويٺي رهي

حيرتن مان نيڻ تارا ٿي ويا
جاڳ ۾ سپني مثل ويٺي رهي

جي بہ سگھنديڻءَ ڏار ٿي؟ ان سوال تي
دير تائين هوءَ منتل ويٺي رهي

هو جڏهن ٿڪجي پيو، ويهي رهيو
ڳالهہ هن جي مستقل ويٺي رهي

لهر جي هئي لوڏ هن جي چال ۾
نانءُ هن جو هو "ڪنول"، ويٺي رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

منهنجي خوابن منجهه هڪڙي جل پري آ
جل پريءَ جو خواب نيرو سمنڊ آهي

عشق ۾ ناڪام ماڻهن جي غمن جو
بس ٻيو سدباب نيرو سمنڊ آهي

پيو ڪراچيءَ ۾ اسان جو ڪير هوندو؟
هڪڙو ئي احباب نيرو سمنڊ آهي

ڪنهن ڏنو هو خواب پنهنجي خودڪشيءَ جو
ان ڪري بيتاب نيرو سمنڊ آهي

□

عشق، دل، خواب، وصل، درد، هجر جا قصا
دوُر ڪهڙي جا، اهي ڪهڙي شهر جا قصا؟
سي ڪتابن جي صفحن ۾ نه اچي سگهيا هن
هاءِ هڪ پيار ڪان محروم نظر جا قصا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽانيڪا ٽين ڪيئن هي ٻاڳل سيلاني
نيڻ مسافر، جهڙا بادل سيلاني

ڪيئن ڪو پوئرو هڪڙي ڳل جو لڳي رهندو
ڪيئن نه رلندو ساحل ساحل سيلاني

رولاڪيءَ جي رسم سدائين رهڻي آ
اڪ اڪ آهي جزيرو، دل دل سيلاني

هن ديسن جا ديس لتاڙيا جنمن کان
درد زماني پر جو ڇاتل سيلاني

تنهنجو شهر ته سهڻو آ، پر ڪيئن ٽِڪي
ساجن! سيلانيءَ جي منزل سيلاني

هي جو هاڻي ڦاٿل سڙهه جيئن ياسي لڳو
طوفانن سان آ ٽَڪرايل سيلاني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

اسان جا نيڻ آوارا، اسين خود پاڻ آوارا
زماني ساز هوندي، تون رهئين ڇاڪاڻ آوارا؟

سپاٽي تون نہ هوندين، يا نہ هوندا هي پهر پيارا!
اڄوڪي ڏينهن لئہ آهي هي سڀ ڪجهہ- ماڻ آوارا

محبت جنگ آ، جيڪا بہ هارائڻ لئہ وڙهجي ٿي
ڪٿڻ ۾ ڪجهہ بہ ڪونهي، ڇڏ اها ڇڪتاڻ آوارا

مجوڻ تا رول آ طبيعت، ڪڏهن ٿر ٿانءِ ناهي ٿي
مگر ڇو ٿيون رلن نهرون، هوا، سرهاڻ آوارا؟

ستارا، رات، رستا، درد، تنهايون ۽ سوَ يادون
اڪيلا ڪونہ آهيون، ڪوڙ آهن ساڻ آوارا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روح چاهي ڳتر ڳتر رهندو!
عشق جو نانءُ معتبر رهندو!

خواب ڪيڏو سٺو لڌو آ تو
ساٿ پنهنجو سڄي عمر رهندو!

سخت ڪوشش ڪبي تہ وسرين تون
هونئن نہ تہ ياد جو جبر رهندو!

جيتري دير گل تي رهندين
پوپٽن سان پريل پڌر رهندو!

جيترا ڏينهن دُور رهنداسين
ساهَ جو باھ تي سفر رهندو!

درد قبلِ مسيح کان آهي
ڪوبہ چاهي نٿو، مگر رهندو!

نانءُ تنهنجو اڄارجي ويو آ
واءُ تي ڪجهہ گهڙيون سحر رهندو!

تو وٽان جو ڏڪارجي ويو آ
هاڻ اسحاق دربدر رهندو!

❑

پيار ڪيو شامل مدفون خزانن ۾
ڳالهيون آهن، سي بہ رڳو افسانن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڏٺو هو هڪ سپنو
جيڪو هن جي مرقد تي
ڦول ٿي ٽڙيو آهي!

ڪيس هئي پسند بارش
لاش تي تڏهن هن جي
ماءُ سانوڻي ٿي وئي!

مان جڏهن مري ويندس
خواب تنهنجا نيڻن مان
ٿي ڪکر اڏي ويندا!

ديس پهتو منزل تي
هو اچا بہ رستي ۾ –
خواب هن جي بستي ۾!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

درد جو ٻاري چراغ
رات ڪاٽي ٿا ڇڏيون!

آءُ دل تي تو ڇڏيان
دل کي پر ڪاٽي دماغ
رات ڪاٽي ٿا ڇڏيون!

گهري ڪاري حسن تي
چنڊ ٻرندڙ ڪوئي داغ
رات ڪاٽي ٿا ڇڏيون!

واءُ تي رلندا رهيا
پر نہ هو تنهنجو سراغ
رات ڪاٽي ٿا ڇڏيون!

پيار هڪڙي منڊ آ
نيڻ سپنن جا ٻہ باغ
رات ڪاٽي ٿا ڇڏيون!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جيڪڏهن سوچجي

ايترو سخت سناٽو آهي
سُئي ڪرڻ جو بہ جٺيءَ طرح اچي ٿو آواز
ايتَرو سختَ انڌيرو آهي
جو ستارن ڪان چٽا نيڻ ٻڏي ويا آهن
ايترو انڌ پڪڙجي ويو آ
جو رنگن جي بہ سڃاڻپ ڪرڻ ڏکي آهي
ايڏي بدبوءِ فضا ۾ آهي
ساهہ کڻندي بہ ڪراهت مان اچن ٿيون الٽيون
ايتري بيوسيءَ ۾ جيئون ٿا
جيڪڏهن سوچجي، ذلت جو ٿئي ٿو احساس!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هوا اڄ نوحہ گر آهي!

صديءَ جا نينڻ نم آهن
فضا ۾ درد جو جهنڊو ٿو لهرائي
هوا اڄ نوحہ گر آهي!
هي ڪهڙي ڪربلا آهي؟
زمانو ٿو لڳي سڏڪو
محرم پيو تہ ڪونهي
پوءِ موسم ماتمي ڇو آ؟
وڻن کي ڇا ٿيو آهي
مٿن ۾ ٿا وڄهن واري -
پکين جي لات ۾ ڪا نعت ڪانهي
مرثيا آهن!
هي ڇو هر شيءِ وجي ٿي موت وانگر بي رنگي ٿيندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رڻن ڪي ڇڻ نہ ڪوئي ڪڪ سنگهي ويو آ
سمورن منظرن جا منهن لٿل آهن
۽ خنجر لٿي اداسي لٿي لهي فطرت جي سيني ۾ -
پنل ساهن ۾ ڪنهن جي ياد جو سايو
دليون پاتال تائين درد ۾ ٻڏنديون
۽ روحن ۾ نہ شيهو ٿو رڃي سڀ جي
سواسن مان بہ دونهون ٿو اٿي سڀ جي
سمورن جون نگاهون سڻ ٿي ويون هن -
الائي ڪير مئو آ
ڪائناتون سڻ ٿي ويون هن
سموريون ابتدائون، انتهائون
سڻ ٿي ويون هن -

وبا وانگر وجي ٿو ڦهلبو ڪو گهرو سناٽو
مگر امڪان ۾ طوفان آهن، زلزلا آهن!

الائي ڪير مئو آ
ديوتائن رت رنو آهي
نڙين ۾ سڏڪنديون ڪنوارين دعائن
رت رنو آهي!
(سائين جي ايم سيد جي وفات تي لکيل)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئين غلامي

ڪجهه پشاور کان تہ ڪجهه قنڌار کان
وَر ۾ بندوقون هٽي
۽ وجهي ڪپڙي ۾ هيروئن جا منَ
سنڌ ڏي ڪاهن پيا
روز ڏارين جا ڪٽڪ.

ڇا ڪجي پر دوست پنهنجيءَ سنڌ کي
پئجي وئي آهي غلاميءَ جي گندي عادت جو
ڪيس
ان ڪري چپ چاپ ۾
نئين غلاميءَ جي ڪري پئي آجيان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خدا جو حڪم

"خدا جي حڪم کان سواءِ
ڪک پــن بہ چـُري نٿو سگهي"
منهنجي ڪتابي دوست ٻڌايو -
اوچتو
منهنجي هٿ چرپر ڪئي
۽ هن جو ڳل ڳاڙهو ٿي ويو
مون پاران هڪ ڪچي ڳار ٻڌي وئي
۽ هن پاران هڪ مرڪ ڏني وئي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

آيا ڙي آيا،

چـمرَ ڪري اوڙڪُون

اَڄي اپ تي مينهن جا، ڇـَـڄ ٻري ڇايا
سـَوڪـهڙي ۾ ساهه پيي، ويا تي مرجهايا
وهنتل وڻ ٽڻ تا لـڳن ڄـڻ تـه نـوان ڄايا
ماروئڙن لئـه مـيـنهن ٿي آهه وڏي مايا
آيا ڙي آيا،

چـمرَ ڪري اوڙڪُون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھڙي آهي عمر شهر جي
ڏينهن گھنگھر جا، رات گھنگھر جي

تون بہ تہ هاڻي پنهنجي ناهين
ڪنهن سان ڇيڙيون ڳالهہ ڳهر جي

پِٽ تي تنهنجو خواب ڏنو مون
روشن ٿي وئي رات ڏهر جي

وهنجڻ لاءِ لٿي پاڻيءَ ۾
جاڳي پئي تقدير نهر جي

هن جي پيرن تائين پهچي
خواهش ڪيڏي آهہ لهر جي

هاڻ تہ مهر ڪيو ڪا دل تي
موسم آهي گل مهر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

آسماني ڪتاب هٿ هڻ جا
چُم، تہ ثين لک ثواب، هٿ هڻ جا

جڻ فرشتن جا نيڻ آهن هي
جڻ تہ نبين جا خواب هٿ هڻ جا

ڪائنات خمار ۾ آڻن
شرمنده ڪن شراب هٿ هڻ جا

ڪوڙَ فانوس جڻ پريل آهن
روشنيءَ جو نصاب هٿ هڻ جا

گل پٽيندي ڪري وڌا زخمي
ساڙ مان هڪ گلاب هٿ هڻ جا

هٿ ڏو اسحاق پهرين زم زم سان
ٿين نہ ڇهندي خراب هٿ هڻ جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇارو ڇارو، تارو تارو، سارو سارو لوڪ
يانءِ نہ دل کي، هر محفل کي سمجهي ڪو پرلوڪ

○

تون بہ نہ بدلينءَ، مان بہ نہ بدليس، تڙپ بہ بدلي ناهہ
بدلي عمر ۽ مند، ٻي منهنجي بدلي تي وئي آهہ

○

اڄ بہ نہ ايندي، اڄ بہ نہ ايندي، اڄ بہ نہ ايندي هوءَ
لونءَ لونءَ جنهن لئہ اوسيئڙي ۾، جهاتيون پائي جُوهہ

○

ساريون ساريون راتيون جاڳن، تارا جنهن جي ڪاڻ
سا تہ الائي ڪنهن کي اربي ويٺي پنهنجو پاڻ

○

شهر بہ پيارو، گهر بہ پيارو، يار بہ پيارا هن
تنهنجو پيار حياتي آهي، ٻيا تہ سهارا هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون بہ خوشبو، هوا، خدا وانگر
مستقل ٿي لڳي رهي آهين
پوءِ بہ محسوس ٿي رهي آهين
دل ٿي دل ۾ ڳجهڙيل دعا وانگر
تون بہ خوشبو، هوا، خدا وانگر

❁

نيڻ منهنجا هوا ٿي رلن ٿا
ڇو خدا جئن لڀين ڪونہ ٿي تون
سا پيا ٿي اچين ڇونہ ٿي تون
خواب سڏڪي ڏڳن ٿي سمهن ٿا
نيڻ منهنجا هوا ٿي رلن ٿا

❁

هڪ نظر پيار جي ڪنئي ڇا هُن!
رنج ڪافور ٿي اڏامي ويا
هجر ۾ جي بہ پل وهامي ويا
ٿي وساري مون ڪان وصل جي ڏڻ
هڪ نظر پيار جي ڪنئي ڇا هُن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

هن زمان، هن مڪان کان اڳتي
ڪجهه به ڪونهي جهان کان اڳتي

پيار جي خواب جو خدا ملندو
درد جي آسمان کان اڳتي

هجر جو رڻ رڙي رهيو آهي
عشق جي داستان کان اڳتي

پٿرن جو شهر شروع ٿئي ٿو
هڪڙي ڪچي مڪان کان اڳتي

ڪجهه به ناهي پڙهيو، نه پڙهڻو آ
اکڙين جي قرآن کان اڳتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

نيڻ لڙيا هئا اول اول
رنگَ پکڙيا هئا اول اول

اول اول درد جليو هو
پلَ مرکيا هئا اول اول

پوءِ تہ خالي پوڳيو ويو هو
پيارَ مليا هئا اول اول

پوءِ تہ سڀ مَنجي ويڇو هو
هُو بدليا هئا اول اول

پوءِ تہ عشق مذاق لڳو هو
ساهہَ سڙيا هئا اول اول

پوءِ تہ رک هئي نيڻن ۾
سوَ سپنا هئا اول اول

وڇڙيا ٿي سڏونت سارنگا
مورَ رڙيا هئا اول اول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد کو داڳ ناهي ڪپڙي تي
جنهن کي هٿ جي ڪمال سان لاهيو

سانت تي زنگ وجي تو چڙهندو
ٿڪ جي ريگمال سان لاهيو

چند شايد خدا جو ڳوڙهو آ
ان کي دل جي رومال سان لاهيو

هي مٽيءَ کان ڏنل هيو، هن کي
قبر ۾ ڪجھ خيال سان لاهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڳل

ڳل ڦلواڙيءَ جو هجي
ڀھاڙيءَ جو هجي
يا ٽاٽي ۾ لڳل ول جو
پوپٽ کي وڻي ويو
ته ڳل نه رهندو
محبوب ٽي ويندو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

آءُ پنهنجي مزاج جي پاران
يار منهنجا سماج جي پاران

پاڻ ٻئي يرغمال ٿيل آهيون
آءُ دل، تون رواج جي پاران

روز ٿي تون رُسين ته سمجهي دل
سازشون سامراج جي پاران

درد منهنجو شرارتي آهي
پيار چاهي، علاج جي پاران

هيءُ اسحاق ڇا ته ماڻهو آ
درد کائي، اناج جي پاران



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

هـريو، ڇـڻ تـہ ٻڙڇـي لڳـي هـانوَ ۾
الائـي تـہ ڇـا هـو سـندءِ نـانوَ ۾

اهـو جيڪـو شـاعر جـي دل ۾ هيـو
نڪـو ڏات ۾ هـو، نڪـو ڏانـوَ ۾

اکيـن ۾ سـنيالي غمـن جـون آسـون
سـتو جـو، سـتل ٿـي رهيـو ڇـانوَ ۾

سوا نوڪرن جي وجهي هان ٻـہ ڇـا
سـڄو شـهر دل جـي ٺلهـي ٺـانوَ ۾

ڇڏئي جنهن کي کيئـي زمانـا ٿيـا
اڃـا دل ٺـڪيل آ انهـي ڳـانوَ ۾

اهي ٺهڪ کنهن جا ٺٺا ٺاڪـڻان
اهو کنهن جو سڏڪو اٿيـو لانـوَ ۾؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

آئيني ۾ نيڻ ملائي هُن مرڪيو!
بَس ۾، پرسان ويٺل پوڙهو گدگد ٿيو!

خواب اڃن ها ڪيئن اسان جي آڳنڌ تي
اوجاڳي ڪي نيڻ وٺي ويا هئا ڏاڍو!

مون وانگر ڪيڏو نہ ڏڀِي تو اوڏهہ ڪان
سج لهندي ئي سات ڇڏي تو ڏئي پاڇو!

ايئن پنين ڪارن ۾ هڪ اڏ وار اڇو
گهري ڪاري رات ۾ ڪٿ ڪٿ جيئن تارو!

خالي ڪيسي هيٺان خالي خالي دل
ڇڻ ڪو اجڙي ويندڙ ڳوٺ سندو رستو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

تنهنجي پاڪر جي رات جا سپنا!
دل ڏسي آپگهات جا سپنا!

تنهنجي قربت جو قيد حاصل ٿئي
ڪير ڏسندو نجات جا سپنا!

دل اسان جي ۾ خواهشون تنهنجون
اڪ "سبيءَ" جي، "سوات" جا سپنا!

ڏک - ڪشڪول ۾ ٻه ٽي سِڪا
ٻسُڪ جي ڪائنات جا سپنا!

ننڊ ۾ هو ڊِڄي پڳهرجي ويو
هيڪلو گهر، جِنات جا سپنا!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڪ ياد

رات جي هئي مهل
۽ جنگل هيو
چوطرف وحشي، درنده، جانور
نانگ، اجگر ۽ بلائون تي قريون
پريرو ڪجهه هڪ پهاڙي نهر هئي
پئي وهي ڪيڏي نہ دلڪش نوع سان
جنهن ۾ جوين سان چِڪار
چوڪري وهتي پئي -
ان ڪان تورو اورتي
اڏاگهاڙو آدميءَ جي روپ ۾ چيتو هو بيٺو
۽ وڏي تعجب ۽ حيرت سان ڏنئين تي
ڪامڻيءَ جي ڪينچلي ڪافر بدن ڪي
هڪڙي پربت جهڙي وڻ جي اوٽ مان -
سارو جنگل شانت، محوِ رقص هو
۽ هوا تي گيت ڳايو پيارَ جو -
اوچتو پر هڪ ڏسا ڪان
هڪڙي ماڻهن جي دنيا جي جانور
هرڻ جي معصوم ٻچڙي کي نشاني تي وتو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ فضا جو رنگ ئي مٽجي ويو
جهنگ سان گڏ آدمين جا روح پڻ ڏهڪي ويا
خوف مان بي ساخته
تو به هڪدم منهنجي سيني ۾ اچي هو سر لڪايو -
ڪير هئينءَ تون، مان الائي ڪير هئس
پر تڏهن پيي
ڪيترو ويجهو اچي وياسين گهڙيءَ لئه
سخت اونده ۾ ته ڇهڻ پيي نه ڇهڻ ڪي سڃاتو
فلم پوري ٿيندي هر ڪنهن راهه ورتي پنهنجي پنهنجي
پوءِ ڇا ٿيو؟
سو نه توکي ياد هوندو
۽ نه مونکي ياد آهي
پر نٿو دل تان لهي منظر اهو -

ٽارزن جي فلم هئي
سينما ۾ پاڙ ٻئي ويٺا هئاسين!

■



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪابہ جانان، ڪوبہ جاني ڪونہ آهي، ڪونہ آهي
زندگاني، زندگاني ڪونہ آهي، ڪونہ آهي

عشق ناهي، خواب ناهن، نيڻ ڇڻ ڪي ٿانوَ خالي
درد جي پڻ مهرباني ڪونہ آهي، ڪونہ آهي

حُسن تي ئي ڪائناتون ورد پنهنجو ڪن ختم ٿيون
عشق جو پر پوءِ بہ ثاني ڪونہ آهي، ڪونہ آهي

هُن ڇڏيو، هن ڪان بہ گهري دوستي سگريٽ سان ٿي
رائگان دل جي جواني ڪونہ آهي، ڪونہ آهي

سونهن توڙي زندگاني، ڪجهہ بہ لافاني نہ آهي
هڪ اوهان جي مُرڪ فاني ڪونہ آهي، ڪونہ آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

اکيــــن جـــــي روح ۾ اوســــــيئڙو آ
پريــن آيـــو نـــ، کيـــڏو بـــي وڙو آ

ايـــي کـــاغذ جيـــان آهـــي حيـــاتي
اوهان جـو غـه انهـيءَ تـي مس قـڙو آ

ســتارا ٽــاکيل آهــن مٺيــن جيئــن
۽ کــاري رات کولهــڻ جــو پـــڙو آ

اوهان هوندي اسان بي رنـگ آهيـون
اهـــو احســـاس ئـــي ڏاڍو کـــڙو آ

اوهان گذرو تـہ رستي کي چمـي ٿـي
هـــوا منهنجـــي چپـــن جـــو اولڙو آ

دفـــن هـــن ۾ هزاريـــن درد آهـــن
اســـان جـــي دل بــــ تـــاريخي دڙو آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

ڪو ڪو اهڙو ڏک
ياري ساري عمر تي

دوکو ڏئي ٿو پاڻ کي
ماڻهو آ مورک

اونداهين لئہ نوڪرون
هڪڙو روشن مک

گهرو ڪاري سمنڊ کان
کنهن جو ڪارو ڏک

کهڙو ٿيندو آ اسحاق؟
مون تہ نہ ماڻيو سک

ڪو ڪو اهڙو ڏک
ياري ساري عمر ني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

اڪڙيـــــن لڙ ـــــــ اوڙڪ
پيـرن لڙ ـ پنـڌ مـون پنيـو!
تنهنجـــن پيـــرن ۾ پٿــي
لاهيـــــان ســـــارا ٿـــڪ
پيـرن لڙ ـ پنـڌ مـون پنيـو!
دل وٽ ٿوريون ڌڙڪٽـون
سـرس اوهـان جـي ســڪ
پيـرن لڙ ـ پنـڌ مـون پنيـو!
سَـوڪا تنهنجي خيال سان
ســـــارا اوڪـــــا لـــــڪ
پيـرن لڙ ـ پنـڌ مـون پنيـو!
ٽيڙ ــــي آهـــي ٿوهريـــــن
ســـانوڻ ســـان ســـاوڪ
پيـرن لڙ ـ پنـڌ مـون پنيـو!
مـون ۾ مٽـي سـنڌ جـي
هـــا هـــا، آهـــي پـــڪ
پيـرن لڙ ـ پنـڌ مـون پنيـو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيٽ اچڻ وارو آهي ڙي
تون بہ اچي وڃجانءِ
چين ڪٽي اچجانءِ
سرنهن تي چانڊوڪيءَ وانگر جوڀن تورا ڏينهن
ماٺُهو هڪڙو سمنڊ، محبت ڄڻ تہ سمنڊ تي مينهن
جل ٿل تاسارو آهي ڙي

سپني جهڙو جيون سڏڪو ٻڻجي ويو آهي
ايندڙ پل جو خيال بہ ڪنڪو ٻڻجي ويو آهي
دل ۾ انڌيارو آهي ڙي

موسم پنهنجي ياڪر ۾ جو پيار ڪٽي ايندي
بي چينيءَ ۾ ويڙهي هير بہ سار ڪٽي ڏيندي
وهمي وڻجارو آهي ڙي

روح تہ آهي سُرندو، جنهن جي وينا تون آهين
من ڪي سانت ڏنگي تي، سپنا ڪاٺي تون آهين
تو وس ٿي چارو آهي ڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جُڳ جُڳ جليو جيئڙو!
نِردئي! وڏئي نہ لِيئڙو!

تارا ننڊ پئجي ويا
جاڳي تہ بہ جوڳيئڙو!

مينهن لنگهي ويا ڪيترا
نَيڻن ۾ پر مينهڙو!

هن ٻن کهڙي راتڙي؟
هن ٻن کهڙو ڏينهڙو!

---

نردئي: ظالم، سنگدل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪـــائي گهـــر ڍولـــي ســـوا
ســـاڙي ســـاڙي ســـيئڙو!

ڪوٺ بـُـرج جيئن پيـو ڍهي
هئـــ هئـــ روڳـــي هينئـــڙو!

عمـــر ڪٺـــي اســـحاق جـــي
ڪونـــ ڪٺـــو اوســـيئڙو!

□

نهارن ڪي چپ چپ تيـون چاهن نهـارون
اهــو يـــي ٻڌائـــي نـــ چـــاڻن نهـــارون
نـ مڙنديون، نـ روڪيـن رستا رلـڻ ڪان
جـــڏي ڏي وجـــي ڏوڙ پـــائن نهـــارون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي ناوَ ۾ اک ڇنڀي
ناوَ، تلاوَ ۾ اک ڇنڀي

هن جو تصور آيو، ۽ -
مون پڇتاوَ ۾ اک ڇنڀي

درد سان انگ انگ پرجي ويو
پيڙا، گهاوَ ۾ اک ڇنڀي

هن مُنهن کوليو، جرڪيو سج
ماڻهن تاوَ ۾ اک ڇنڀي

مون ڪجهه سوچي نيڻ ڪنيا
هُن حياوَ ۾ اک ڇنڀي

پڇيئين: ڇا سر ڏئي سگهندين؟
۽ مون هاوَ ۾ اک ڇنڀي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سزا

اسان ٻنهي جي منٺي
محبت جي پاڻيءَ سان ڳوهي وئي
اسان جا جسم
هڪ ٻئي جي رِيسَ تي سهڻا ناهيا ويا
۽ روحن کان
جنم جنم جي ساٿ جو عهد ورتو
کين ڌرتيءَ جي جنت ماڻڻ لاءِ
هيٺ لاٿو ويو
پر هيٺ ته زماني وارن
ڳريل شيهو وڃائي ڇڏيو هيو
تنهنجن مائٽن تنهنجو نالو سهڻي رکي ڇڏيو
۽ مونکي پنهون سڏڻ لڳا
جو انهن چاتو ٿي
سهڻي بهرحال ميهر جي آهي
پنهونءَ جي ٿي نه سگهندي -

خبر اٿئي
اسان کي اها سزا ڇو ملي؟
آسمان لتاڙيندي، پاڻ ٻنهي
تقدير کي سلام نه ڪيو هيو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانِ جانان!
آءٌ تہ بي معنيٰ جيون کي
ڏيون ڪا معنيٰ
جيئن ڪا سپَ سوا موتيءَ جي بي معنيٰ
جيئن ڪا لاٽَ ، سوا جوتيءَ جي بي معنيٰ
رنگ، سوا تنهنجي پوتيءَ جي بي معنيٰ
هڪ ٻئي کان تيون ڌار تہ پاڻ بہ،
ٻئي بي معنيٰ!
جان جانان!
لفظ جيئين جملن جا خال ڀريندا هن
ڪکر جيئين ڌرتين جا خال ڀريندا هن
لڙڪ جيئين نيڻن جا خال ڀريندا هن
آءٌ ڀريون هڪ ٻئي جي دل جا،
خالي خانا!
جان جانان!
بارش ۾ جيئن مور خوشيءَ ۾ جهومن ٿا
جيئن ڪنول گل هير مٺيءَ ۾ جهومن ٿا
رند جيئين پنهنجي مستيءَ ۾ جهومن ٿا
پاڻ بہ جهومون، چاهي سڏجون،
پيا ديوانا!

جان جانان!


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شهر تہ هڪ دل جو استعارو آهي

تون منهنجا نظم ان ڪري نٿو پڙهين
جو انهن ۾
بار بار شهر جو ذڪر اچي ٿو
۽ تون، ايڊز ۽ آلودگيءَ ڪان ڊنل آهين -
پر تون ڇا ڄاڻين
شهر تہ هڪ دل جو استعارو آهي
جنهن ۾ ڪو ڳوٺ ڌڙڪي رهيو آهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

رڳو جاڳي لو روشندان هڪڙو
شهر جا گهر، پٽيون، در ننڊ پيا هن

دلين ۾ زلزلن آرس پڳو آ
نگاهن ۾ سمندر ننڊ پيا هن

گهٽين جي روشني ويڙهي ڪٽي ويا
شهر واسي تہ اندر ننڊ پيا هن

زماني کي جُتيءَ هينان رکن ٿا
ڏسين هان تون بہ اڄ، پر ننڊ پيا هن

ننڊاکين اکڙين سان تو ڏٺا جي
اجا تائين سي منظر ننڊ پيا هن

قيامت جهڙو ڪوئي انقلاب آ
جو اڄ ڪعبي ۾ ڪافر ننڊ پيا هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد جي ڇاڻيءَ مان
آدمي ڇڻندو رهي ٿو

ڏيان سان ڏاڍو ٻڌي ٿو
پاڻ کي ڳولي ڪڍي ٿو
لوڪ آڪاڻيءَ مان

حادثن ۾ ٿو گذاري
روز ٻڌندي پاڻ تاري
وقت جي پاڻيءَ مان

گردش ۾ سڀ ويلا
پاڻ هون نڪتل گليلا
ڄڻ ته ڪانياڻيءَ مان

درد جي ڇاڻيءَ مان
آدمي ڇڻندو رهي ٿو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

پِيڙهي بہ پِيڙهي
سنڌ پِئي لَي پِيڙجي!

هيءَ غلاميءَ جي گندي
ڪنڌي ڪٽ سِيڙهي
پِيڙهي بہ پِيڙهي
سنڌ پِئي لَي پِيڙجي!

او شل ذرتيءَ ماءُ جي
ڇڪَ نہ ٽٽي ڇِيڙهي
پِيڙهي بہ پِيڙهي
سنڌ پِئي لَي پِيڙجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

وصالن جي سزا آهي
جدائي بد دعا آهي

ڏکي تو هر جزو رت جو
هي کهڙي ڪربلا آهي؟

ڇُهي تنهنجو بدن موٽي
چري ٿي پئي هوا آهي

محبت حادثو آهي
نتيجو: حادثا آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ جهڪبو، طئہ ڪيو ويو آ
عقيدت وٽ انا آهي

ازل ڇا هي، ابد ڇا هي؟
فنا آهي، فنا آهي

ڪيو اسحاق جي ڳولا
اجا ڇو لاپتا آهي

□

اندر ۾ برپٽن جون هيڪلايون
شهر جون رونقون ڇهري تي آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پهرين ملاقات جي نشاني

اسان ٻنهي
پنهنجي پهرين ملاقات جي نشاني
هڪ ٻئي وٽ ڇڏڻ
ضروري سمجهي
پوءِ ان مهل
جيڪو جنهن وٽ هيو
تنهن سو ڏنو
مون هن کي پنهنجي ڪنوارپ ڏئي ڇڏي
۽ هن پنهنجي پهرئين ٻار لاءِ اٽيل
نئون سوئيٽر!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن خشڪ ۽ ڪڏهن پاڻي لڳن
اکيون ٻن مُندن جي کهاڻي لڳن

نهارن جي خوشبو پکيڙين ٿيون
سکيءَ جون اکيون رات راڻي لڳن

پلي وچ پر جن ۾ ملجي ڪڏهن
هوائون سي شايد ئي هاڻي لڳن

اجهاڳن جون روليل اهي ڪشتيون
ڪناري سان شايد سياڻي لڳن

جڏهن سرڪشيءَ سان گهلن ٿيون، تڏهن
هوائون اوهان جي جواڻي لڳن

خوشيءَ جو پهر ٿهڪ ٿي پئي ٻُريو
ڏکيا ڏينهن تنهن جي وراڻي لڳن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

جدائيءَ جي موسم، اکيون نم سدائين
ڪٿي تي حياتي، وڏي غم سدائين

سدائين ڪا اڻ تڻ، سدائين ڪو ڀُڻڪَر
ڦري ڪانهه تي ڪابه موسم سدائين

وسي چوٽ تائين پئي ٻوڙيو اتائين
رهيو روح ۾ آ ڪو آگم سدائين

اسان جي مٽي ڪربلا مان ڪنيل آ
اسان جي مٽيءَ ۾ ٻه ماتم سدائين

ازل جو نشو هن اوهان جون ادائون
رهي بيخوديءَ ۾ ٽو عالم سدائين

صحافيءَ جون عاشق صحافي نگاهون
لکن تنهنجي خوابن جا ڪالم سدائين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

تون اڃي نڪتينءَ گهر ويو واسجي
اوچتو سارو شهر ويو واسجي

گلَ پوکڻ مان اهو پيو فائدو
هير گهُلندي ئي پڌر ويو واسجي

تنهنجي ياڪر ۾ گهڙي هڪڙي رهي
خوف مان نڪتل پگهر ويو واسجي

درد آيو باغ ۾ طوفان جيئن
ڇِڙوڇڙ ٿيو ساهُ پر ويو واسجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص هو يا ڪا اگربتي هيو؟
جيئن ڏکيو، سارو نگر ويو واسجي

بور هو، بي رنگ هو، بي واس هو
تون مليںءَ ۽ پوءِ سفر ويو واسجي

ڪنهن چنبيليءَ جي لڪايم سار جو
منهنجي انگ انگ جو اندر ويو واسجي

□

نيڻ منهنجا رڱيندي گذري وئي
مُنهن ڪي پوتي ڍڪيندي گذري وئي
"ڪجهه نہ ورندءِ" چيئين اشاري سان
ريل دل ڪي چٿيندي گذري وئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رستو

هر ماڻهوءَ کي گهر تائين
ڪنهن ڪنهن کي منزل تائين
مسجد تائين
مندر تائين
پهچائي موٽي ٿو
هڪ سماجي ورڪر وانگر رستو.
پوءِ بہ نہ ويندو جنت ۾
ڇو تہ ملائي ڪو نہ ٿو تنهنجي رستي
سان
منهنجو رستو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلـوا رنــگ رتــول پريــنءَ جــا
جلوا رنگ رتول

نظرون ريشم وانــگر جـَــرڪن
اکڙيـون ڪپڙن ڪــارن جهڙيــون
ڳالهيون: ٿـر بـر تــي برســاتون
خاموشـيون بہ ملهــارن جهڙيــون
ٺهـڪ گلـن جا جهـول پريـنءَ جـا
جلوا رنگ رتول

هـن جـو ســاٿ خوشـيءَ جـا نغمـا
ڏار رهـڻ، غـم جـون تحريـرون
پـَرچـي، سپنو ســاپيا لـي پئـي
ڪــاوڙجـي تـــہ رُسـن تقديــرون
ڏک سک سڀ انمول ٻـريـءَ جـا
جلوا رنگ رتول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو تہ شادي ڪري ڇڏي ٻئي سان
سيءَ ماڻيئي نئين پيا سان گڏ
آءٌ رسوا ٿيل وفا سان گڏ
سارَ تنهنجيءَ تي ساهہ ٿو سيڪيان
تو تہ شادي ڪري ڇڏي ٻئي سان

ۑ وري ياد تون پيو آهين
ۑ وري ٻارشون پيون آهن
ۑ اکيون ٿي ڪڪر اڏيون آهن
پر اجا ڪونہ تون پڳو آهين
ۑ وري ياد تون پيو آهين

خودڪشيءَ تي گهٽو ئي سوچيو ٿم
هاڻ ڪجهہ زندگيءَ تي سوچيندس
تنهنجي پهرين چميءَ تي سوچيندس
جنهن جو احساس ئي لڳي سرگم
خودڪشيءَ تي گهٽو ئي سوچيو ٿم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تون منهنجي درد جو سُر

تون منهنجو خواب، منهنجو پيار، منهنجو سڀ ڪجهہ آن
مان تنهنجو ڪجهہ بہ نہ هان، ڪجهہ بہ نہ هان، ڪجهہ بہ نہ هان!

تون منهنجي ننڊ، منهنجو چين، منهنجي بي چيني
تون منهنجو روح، منهنجو ساهہ، منهنجي رنگيني
تون منهنجو گهاءُ، منهنجي پيڙ، منهنجو مرهم هين
تون ئي الجهن، تون اداسي، تون ئي جيون جو ٺهڪ
تون منهنجي پين، منهنجي ڊائري ۾ البم هين
تون وصالن جي تمنا، تون وڇوڙن جي مهڪ
تون منهنجي عقل جي حد، تون ئي تصور جي سگهہ
تون منهنجي انتها. پاڳلپڻو، اندر جي سگهہ
تون منهنجي هار، منهنجي جيت، منهنجي ست رَنگي
تون منهنجي درد جو سُر، منهنجي دل جي سارنگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون مليـن تـي تــ وسـان آءٌ وسندين وانگر
جـي ڇـڇين تـي تـ ڪـران آءٌ بلنديـن وانگر
تـون منهنجـي هجـڻ جـو احساس، منهنجي مـان آهيـن
تـون تـ ڇـاڻين تـي اهـو، ڇـا ڇـوان تـ ڇـا آهيـن

منهنجي ڇڙواڳـي، منهنجـو قيـد، منهنجـي آزادي
دل جـي گمنـام جزيـري جـي حسـين شـهزادي
توکـي ان ڳالهـ جـو شـايد نـ هجـي انـدازو
آءٌ ڪعبـي ڪـان مٿـي سمجهـان تنهنجـو دروازو
جنهـن کـي هـر روز چمـي، سـجدو ڪـري گـذران ٿـو
۽ رکـي گـل، ٿـڌو سـاهـ ڀـري گـذران ٿـو
روز نئيـن خـواب جـو هـڪ ڪـوٽ اڏي ڍاهيـان ٿـو
ايءُ ڄـاڻي بـ ڇريـن جيئـن توکـي چاهيـان ٿـو

مان تنهنجو ڪجهہ بہ نہ هان، ڪجهہ بہ نہ هان. ڪجهہ بہ نہ هان
تون منهنجو خواب، منهنجو پيار، منهنجو سڀ ڪجهہ آن!

■



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

سڏن تـي پـاڻ ڪـان وسـري وڃــان تــو
پهاڙيون، سمنڊ، جهنگ اُڪري وڃان تو

هوائــون تــي اچــن تيــون يــادگيريون
ردي ڪــاغذ جيــان اڏري وڃــان تــو

گهٽـو مـون ڪـان لڪـي تـي رات وانــگر
متـس مـان چنڊ تـي ايـري وڃـان تــو

نهيـل آهـي تـہ بگڙيـل تـو رهـان مـان
رُنـل آهـي تـہ ڪجهـ سُڌري وڃان تـو

گهٽـو روڪـي رکـي تـي هـوءَ مونکـي
مـگر مـان وقـت جيئـن گذري وڃـان تـو

مـان پنهنجـو پـاڻ دشمـن تـي پيــو هـان
تـڏهن هـن وٽ ائيـن سـنبري وڃـان تـو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

هن سان جو دوستي وڌي وئي آ
شهر ۾ دشمني وڌي وئي آ

خواب تنهنجي جو سج ايريو آ
اک جي روشني وڌي وئي آ

هن طرف بي رخيءَ جي حد آهي
هِن طرف بيوسي وڌي وئي آ

چپ ٿا هي مڪائين ڪاغذ تي
درد جي زندگي وڌي وئي آ

هاڻ پنتي ورڻ ڏکيو آهي
ڳالهه هاٿي گهٽي وڌي وئي آ

هجر جون رونقون ويون اسحاق
واقفيت ايتري وڌي وئي آ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تون نٿي سمجھي سگھين

دل جو کھڙو ڏرم آھي
ڏڙڪنون ڪيئن پوئر تي اڏري وڃن ٿيون
۽ اکيون ڪھڙي لپيءَ ۾ حال اوريندون رھن ٿيون
تون نٿي سمجھين انھن مان ڳالھہ ڪائي
ڪجھہ جي سمجھين ٿي تہ بس، سينگار چاھي -
تون نٿي سمجھي سگھين، ھي پيار چاھي!
تون نٿي سمجھي سگھين ڪنھن قول جو غم
جيڪو پوپٽ ڪانسواءِ
ھيڪلو ئي ھيڪلو رھجي وڃي ٿو
ڪو اڃاتو درد پوڄيندو رھي ٿو
تون نٿي سمجھي سگھين!
ڇو ڀُڳن ڪان ھي ستارا
سرشٽيءَ جي ھر ڇپي ۾
دربدر ٿا پاڳلن وانگر ڦرن
ڪنھن کي ڳوليندا وتن؟
ھا مگر ڇاٽين بہ جي ھي
تون نٿي سمجھي سگھين!
تون، جا ڇوڙين جي بہ ڇڻ ڇڻ ڪونہ ماٽين تي ڪڏھن
۽ ڪڏھن پنھنجي ئي پايل تي نٿي ڏين ڌيان ڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اها تنهنجي قُلفي
ڪڙڪيندي جنهن تجلا ڏئي، ڇوي ڇا پئي -
نٿي سمجهين؟
ڀلا ايڏي بہ لاپرواهي آخرڪار ڇا هي؟

سونهن تنهنجيءَ جون ڪَتيءَ سان رات ڀر هـُو
ڪير ٿو ڳالهيون ڪري
۽ پيو ڀر ڀر ڀـري
تَـنهن جي ساهن تي جو آهي بار، ڇا هي؟
ايئن سندس لٽجڻ سرِ بازار ڇا هي؟
ڀر جڏهن ڇاٽين نٿي هِي پيار ڇا هي
ڪيئن ٿي سمجهي سگهين؟

پيو تہ سڀ ڪجهہ ڏوڙ پائي
ڪيڏي آن خودغرض هائي!
تنهنجي نڪرائڻ تي جنهن ڪئي خودڪشي هئي
ان جي باري ۾ لکيو اخبار ڇا هي -
سو پڙهڻ کي وقت جو ٿي زيان ڪوٺين!
تون نٿي سمجهي سگهين!

■



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڇا تون ندي آهين؟

ندي پهاڙن مان ڦٽي
رڻ پٽن مان گذري
سمنڊ ۾ رهي ٿي -
تو بہ تہ ائين ئي ڪيو
پنهنجي گهر ۾ ڄائينءَ
پاڙيسري نوجوانن جي اکين مان گذرينءَ
۽ منهنجي دل ۾ اچي ترسينءَ
ڇا تون ندي آهين؟

■



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

هلندڙ گاڏي، وسندڙ بارش، مان ۽ هوءَ
ٻن دلين ۾ هڪڙي خواهش، مان ۽ هوءَ

ڏوتل منظر، وڻندڙ موسم، سرد هوا
پيار ونڊڻ جي ڪن فرمائش، مان ۽ هوءَ

سائي ٽڪريءَ تي هن ننڍڙي گهر اندر
جڳ کان ڌار جيئڻ جي خواهش، مان ۽ هوءَ

خوابن جا پوپٽ پڪڙي، ٽڪجي پياسين
ڇاهيون ٿا، ساپيا - آسائش، مان ۽ هوءَ

خيالن جي فيڪلٽيءَ جو هڪ ننڍڙو عڪس:
دليون، پورٽريٽ، نمائش، مان ۽ هوءَ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي سار ٻري
يا ڪا منهنجي روح ۾
خنجر- ڌار ٻري!

منظر ڌوبي ويا -
هر هڪ وڻ تي ماڪَ جا
موتي جرڪن ٿا!

پرچي ويا پِيڙها -
پوڙهو وينو پَٽ تي
هٿ سيڪڻ جي لا!

ٿورو ڳالهايو -
لفظ بہ موتي ٿا ٿين
ايئن نہ اڇلايو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندا ٿوري دير –
پيارا ! آهن پيار جا
پلَ واريءَ تي پير!

ڏس، پاڻياري ڙي –
اکڙيون جرڪن رُڃ جان
وِڪ وِڪ واري ڙي!

ڪيڏو ڪوهيڙو–
توهر تي پيل ماڪ ڪي
گهـُوري روهيڙو!

پربت تي پارو –
برِوهين جا ٻارڙا
مـَڇن تي مارو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

زندگي پيار کان سوا ڇا هي؟
جئڻ گهلڻ کان سوا هوا ڇاهي!

ديوُ، راڪاس يا بلا آهي؟
ٻارڙو تو پڇي، خدا ڇاهي!

جنهن جي صدقي اگهامنديون آهن
سو مون کان تو پڇي، دعا ڇاهي!

آبشارن ۾ ڪير ڳائي ٿو؟
ڪو ڏسيندو، اها ڪتا ڇاهي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❑

بيوفا جو شهر بــ ان جهڙو
ڪو بہ سمجهي نٿو، وفا ڇا هي!

جيڪي سِر پي گهرن، تہ ڏئي ڇڏجي
يار! تن جي اڳيان انا ڇا هي!

ڇو سچو پگهرجي ويو آهين؟
عشق جي ڳالهہ ۾ ڀلا ڇا هي!

جا ادا، ماري ٿي جيئاري، سا
موت آ، يا مسيح آ، ڇا هي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڳھري سانت لڳي تـي ڳھاءُ!
سمجھو مڪليءَ جو سوداءُ!

ديوانـي جـا ٺھـڪ ٻـڏي
ٽـر ٽـر کـي ڀچتـاءُ!

شھر وچي ھُو موٽيو ڪونہ
راھہَ ۾ نـور وڃـايو مـاءُ!

ساجن وانگي انـگ ڇـُھي
وينگـس کـي ڇيڙائـي واءُ!

ڪيسين مرنـدا رھنداسين؟
ڪيسين رھنـدو ھـي انيـاءُ!

منظر منظـر تنھنجـي يـاد
خوشبو خوشبو تنھنجو ساءُ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان جي محفل، ڪٿي تہ هوندي!
اسان جي منزل، ڪٿي تہ هوندي!

اسان کي ناهي تہ دوست چاهي
پريت حاصل، ڪٿي تہ هوندي!

رلن نتا ايئن ئي مسافر
انهن جي منزل، ڪٿي تہ هوندي!

اسان کي ياڳا ڪري وئي جا
نگاهہ قاتل، ڪٿي تہ هوندي!

پڙاڏي جي ٽيون ورن صدائون
تڏهن بہ چئي دل، ڪٿي تہ هوندي!

ھو آيتن جئن حسين وينگس
هتي نہ نازل، ڪٿي تہ هوندي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

توکي ڏسندي نه هوا آهي
رهندي غمگين هوا آهي

هوءَ آهي دعا مجسم
"ثم آمين" هوا آهي

بي رَنگي گهُٽَ آ حياتي
پيار رنگين هوا آهي

تنهنجي در کان ٿي جهڪي گذري
هونئن بي دين هوا آهي

ايڏو پٽڪڻ بہ سٺو ناهي
سمجهڻي کين هوا آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيڻ آهن ڪڙڪبيتا
زندگي اوِنداهه آهي-
تنهنجي ٻِگولا آ هنن ڪي!

رات ڪاري مَـينهن آهي
چنڊ ڻامي جو چڙو آ -
آءُ پر ميهار ناهيان!

دل بہ ڪائي سپ آهي
پيار ان ۾ بوند وانگر -
۽ زمانو اُس آهي!

ڪافري آهي محبت
تون مسلماني ڪرين ٿي -
ايئن ڪيئن ٿو اڙي دل!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوڙ ڀٽڪي ڀٽيان چرين وانگر
تنهنجي ڳاڏي تہ ٽلي وٺي اوجهل
سن نيڻن سان مان اڃا بيٺل
دل ڏڙڪي اڃا چرين وانگر
ڏوڙ ڀٽڪي ڀٽيان چرين وانگر

عشق ڪنهن اپسرا جيان آهي
جنهن جو ياڪر سرور بخشي ٿو
ساٿ جنهن جو غرور بخشي ٿو
رنج جنهن جو فنا جيان آهي
عشق ڪنهن اپسرا جيان آهي

روح ۾ راڳ جئن لٿي آهي
سونهن تنهنجيءَ جي لئي بہ لئي آهي
هر ادا تنهنجي شيءَ بہ شيءَ آهي
ڳوٺ ۾ ساڳ جئن لٿي آهي
روح ۾ راڳ جئن لٿي آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مون پنهنجا چپ بند رکيا آهن

ڪنهن ڊڪٽيٽر جي خوف کان نہ
ان خوف کان تہ
تنهنجي ڏنل چميءَ جي خوشبو
اڏامي نہ وڃي
مون پنهنجا چپ بند رکيا آهن!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي هولي لڳي
راند ڪيڏڻ جي وهيءَ ۾-
عشق جي گولي لڳي!

سوچن ديوانا
بخشن هن جا پير تا
رستن کي معنيٰ

چشمو لاهيندي
سوچيم، نيٺ ٻه چا مليو؟
توکي چاهيندي

زهر پِئي، گولي هڻي؟
هوءَ ٻئي سان وئي ڀڄي -
هيءُ ڪهڙو مُنهن ڪڻي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

□

چنڊ ڏوري ۾ لهي ٿو
رات وينديءَ ٿي رهي
سچ ٿو مهنجي اکيون!
ڏيري ڏيري روشني
پير ڪٽنديءَ ٿي اچي
سچ ٿو مهنجي اکيون!
رات واري خواب کي
جڻ تہ ساپيا ٿي ملي
سچ ٿو مهنجي اکيون!
هن جي ايندي ڏيهہ ۾
ساهہ ٿو پنهنجي وڃي
سچ ٿو مهنجي اکيون!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

هاءِ! جهَڪي لُٽي جوڀن جوت!
هاءِ! اسان کي ماريو هوت!

جُملو جُملو هر ماڻهو
ٽُڪو ٽُڪو سڀ جو موت!

اڪ اڪ ۾ ڪا اڻ تڻ آ
دل دل ۾ ڪائي ڳڻ ڳوت!

روهُ رَتيون يا پاڻ رَتيون
ايئن وربو، جيڪر وجبو تـہ!

پيارِ زمانو ڪائي ٽيڙَ
اوتِ احَا ڪجهہ ٽوري اوت!

دنيا تياڳي آيو آ
چنڊ بہ مون جهڙو اوڌوت!

---

اوَڌوت: سنياسي، جوڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

اڃا اڳاهان پيڇرا وڃن، تہ پنڌ ڪٿن ڪٿي
۽ پير پي ڊِلا ڊِلا ڪڇن، تہ پنڌ ڪٿن ڪٿي

قدم پهاڙ سر بہ ڪن، اڪيون سمونڊ پي رلن
اگر دلين ۾ فاصلا هجن، تہ پنڌ ڪٿن ڪٿي

نگر نگر جي واٽڙي رلي رلي ٿڪوءِ تہ ڇا
مٿا، هوائون منزلون هجن، تہ پنڌ ڪٿن ڪٿي

وکن نظر جي پنڌ تي پڇي سفر ڇڏي ڏنو
اتي نياڳا نيڻ جي سمهن، تہ پنڌ ڪٿن ڪٿي

"اڃا وڌو، اڃا وڌو"، فضا ۾ سڏ ٿا ٻُڌن
وڌي نہ ڪو، سيئي پيا سڏن، تہ پنڌ ڪٿن ڪٿي

سفر ۾ آهہ قافلو مڇوءَ ٿا، پر مسافرو!
جي سڄ ڪان اڳي ئي منهن لهن، تہ پنڌ ڪٿن ڪٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

وڻن تا عشق جا غم
نہ سي بہ تہ راس آهن

محبت جو مقدر
سدا بنواس آهن

اهي ٿوڙي نہ ڇڏجان
گھڻا وشواس آهن

اذيت ۾ رهون ٿا
اهي احساس آهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان پرفيوم هنئي آ
ولين ۾ واس آهن

پڙهندڙ جي هجي کو
اکيون اتهاس آهن

زمانو فيل آهي
پرين پر پاس آهن

□

پهرين شام صبح ٿو جهيڙي پنهنجي اندر سان!
۽ پو، پنهنجي پيٽ کري ٿو پاڻ سڪندر سان!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڏني هيءَ ڪنهن صدا بي چين آهي
نظر، طبيعت، فضا بي چين آهي

گهري هيءَ ڪنهن دعا بي چين آهي
اگهائڻ لئہ خدا بي چين آهي

الائي چنڊ ڇا چئي ويو سگهيءَ کي
سندس هر هڪ ادا بي چين آهي

جدائي ڇيت تي ٽنبجي پئي آ
تڏهن دل بيوفا! بي چين آهي

گهٽيءَ اسحاق جي مان گذري شايد
تڏهن ايڏي هوا بي چين آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاعر

تورا ڳوڙها
تورا لفظ
تورا رَت ڦڙا
هڪ ڪاغذ تي ميڙي
هن ڪي جو ڏيکاريم
مرڪي پيئي،
"منهنجو ڏپ صحيح نڪتو نہ
آخر تون بہ شاعر تي وئين!"





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



درد جو ڏگھو رستو
پھچندو ٺکر کنھن تي
بعد ۾ قبر کنھن تي.

Price Rs: 40-00

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book